# شیعیت

# اسلام

مرتب
راشد راهي

سُنی لائبریری

# شيعت ۽ اسلام

مترجم ۽ مرتب

راشد راهي

Sunni 313
دفاع اہلسنت
و رد رافضیت
www.Sunnilibrary.com

ناشر

خلافت اكيدمي شكارپور

خلافت اڪيڊميءَ جو ڪتاب نمبر: 2

نالو ڪتاب جو: شيعت ۽ اسلام

مترجم۽ مرتب: راشد راهي

ڇپائيندڙ: خلافت اڪيڊمي - ڀٽي محلو، صدر شڪارپور سنڌ.

ڪمپوزر: ارشاد "ساگر" گڏائي

ڇاپو: 1995ع

تعداد: هڪ هزار

قيمت : =/30

ملڻ جا هنڌ

سنڌ جا خاص بوڪ اسٽال

نوٽ: ٽپال رستي ڪتاب گهرائيندڙ دوست ٽيهن رپين جون پوسٽ ٽڪليون موڪلي ڪتاب گهرائي سگهن ٿا.

# فهرست


| | |
|---|---|
| مقدمو | ٥ |
| پيش لفظ | ١٣ |
| شيعہ امل مليشيا جو هڪ ڳجهو خط | ١٩ |
| شيعت ۽ اسلام | ۴ |
| شيعہ مذهب ۾ متعہ | ٦٣ |
| متعي وارو اشتهار | ٩۴ |

خلافت اڪيڊمي شڪارپور جو ايندڙ ڪتاب

# ڪربلا جو واقعو

مرتب ۽ مترجم

راشد راهي

هي ڪتاب وڏي جاکوڙ ڪانپوءِ سولي سنڌيءَ ۾ پيش ڪجي ٿو. هن ڪتاب ۾ ڪربلا جي واقعي تي روشني وڌي وئي آهي، صحيح حقائق ۽ مستند ترين داستان کي سامهون آندو ويو آهي. هن ڪتاب ۾ ڪربلا جي واقعي تي حضرت محمد باقر رحه جي بيان ڪيل مفصل روايت "تهذيب تهذيب" ڪتاب تان آندي وئي آهي، ٻيو مضمون مولانا محمد اسلم شيخوپوريءَ مدظلہ جي ڪتاب "نداء منبر و محراب" تان کنيو ويو آهي جڏهن تہ ٽيون مضمون شهيد اسلام علامہ احسان الاهي ظهير جي شاد باغ لاهور ۾ ٿيل آخري تقرير تي مبني آهي. هن ڪتاب جو مقدمو ڊاڪٽر محمد ادريس سنڌيءَ جامع نموني سان لکيو آهي. هن ڪتاب پڙهڻ ڪانپوءِ اوهانجون اکيون کلي وينديون ۽ عجيب ۽ غريب انڪشافات اوهان جي سامهون اچي ويندا. اڄ ئي پنهنجي ڪاپي بڪ ڪرايو.

ملڻ جو هنڌ:

خلافت اڪيڊمي ٻٽي محلو صدر شڪارپور

# مقدمو

بسم الله الرحمٰن الرحيم

ساراهہ ان سبحان جي جنهن دين اسلام کي اسان تائين صحيح معنيٰ ۾ پهچايو. ڪروڙين درود پيغمبر پاڪ محمد مصطفيٰ ﷺ تي جنهن دين اسلام جي پهچائڻ جو صحيح حق ادا ڪيو.

محترم ساٿيو ! انتهائي خوشيءَ جي ڳالهہ آهي جو "خلافت اڪيڊمي" شڪارپور پاران اڳ ۾ "بدعات محرم" ڪتاب پيش ڪيوسين، جيڪو ڏاڍو پسند ڪيو ويو. هاڻي "شيعت ۽ اسلام" پيش ڪريون ٿا. اميد تہ پسند ايندو. هيءُ ڪتاب جيڪو پنهنجي عنوان مان ظاهر ڪري ٿو تہ شيعت جو اسلام سان ڪيترو ربط آهي ۽ شيعت جا عقيدا ڪيتري قدر اسلام جي ڪسوٽيءَ تي پورا لهن ٿا. اها پرک پڙهڻ کانپوءِ اوهان يقيني طور تي ان عقيدي جا قائل ٿي ويندؤ تہ شيعت ۽ اسلام ٻہ علحده ۽ متضاد نظريا آهن ۽ شيعت جو اسلام سان ڪوبہ واسطو نہ آهي. اچو تہ مختصر طور تي شيعت جي عام عقيدن جو اڀياس ڪريون؛

(١) شيعا مدد الله کان ڇڏي ڪري حضرت علي رضہ کان گهرندا آهن يعني "ياعلي مدد" چوندا آهن ۽ مشڪل ڪشا حضرت علي رضہ کي چوندا آهن. اهو عقيدو سراسر قرآن جي مخالف آهي ڇاڪاڻ تہ قرآن دعوت ڏئي ٿو تہ مدد الله پاڪ کان گهرو. "اياڪ نعبد واياڪ نستعين" تنهنجي ئي عبادت ڪريون ٿا توکان ئي مدد گهرون ٿا. "وان يمسسک الله بضر فلا ڪاشف له الاهو". ۽ جيڪڏهن الله توکي ڪو ڏک پهچائي تہ ان (الله) کان سواءِ ان جو ڪو لاهيندڙ نہ آهي. (القرآن

ب ٧ ع ٨) "ومالنصر الامن عندالله" _ مدد صرف الله جي طرفان آهي. قرآن مجيد ۾ ڪافي آيتون آهن جن ۾ ان ڳالهہ تي زور ڀريو ويو آهي تہ مدد صرف ۽ صرف الله وٽان آهي جڏهن تہ شيعا ان جي ابتڙ حضرت علي رضہ کان مدد گهرندا آهن جنهن جو هنن وٽ ڪوبہ دليل قطعي نہ آهي.

(٢) شيعن جو عقيدو آهي تہ موجوده قرآن صحيح نہ آهي ڇاڪاڻ تہ اصل قرآن امام زمان ڪٿي غار ۾ غائب ٿي ويو آهي ۽ هي موجوده قرآن صحيفہ عثماني آهي يعني حضرت عثمان رضہ جمع ڪرايو آهي تنهنڪري هن قرآن کي نہ مڃيندا آهن ۽ حقيقت هي آهي تہ شيعا حضرت عثمان رضہ کي (نعوذ بالله) مرتد سمجهندا آهن تنهنڪري ان جي دور ۾ جمع ٿيل قرآن کي ڪيئن مڃيندا؟ حالانڪ الله پاڪ هن موجوده قرآن جي حفاظت جو ذمو پاڻ کنيو آهي "انا نحن نزلنا الذكر وانا له لحافظون" اسان هن ذڪر (قرآن) کي نازل ڪيو ۽ اسان هن جي حفاظت ڪرڻ وارا آهيون.

(٣) شيعن پنهنجي اذان ۾ علي ولي الله ۽ حي علي خير العمل جو اضافو ڪيو. حالانڪ صحيح حديثن ۾ اهڙي قسم جا جملا ڪونہ آهن ۽ اسان جي اذان صحيح حديثن مان ثابت آهي.

(٤) شيعا حضور ﷺ کي آخري نبي تسليم ڪونہ ڪندا آهن. ڇاڪاڻ تہ شيعن جو نظريہ امامت اِن جي ابتڙ آهي يعني امامن سڳورن کي الله پاڪ اهو اختيار ڏنو آهي تہ هو حرام کي حلال ۽ حلال کي حرام ڪري سگهن ٿا. حالانڪ حضور ﷺ جن آخري نبي آهن قرآن مجيد ۾ الله پاڪ هن دين کي ڪامل ڪرڻ جي آيت نازل فرمائي تہ "اليوم اكملت لكم دينكم واتممت عليكم ونعمتي ورضيت لكم الاسلام دينا"

ترجمو: "اڄوڪي ڏينهن اسان اوهان جو دين اوهان لاءِ پورو

ڪري ڇڏيو ۽ مان پنهنجون لعمتون توهان جي مٿان چڱيءَ طرح پوريون ڪري ڇڪس ۽ مان خود اوهان جي دين اسلام کان راضي ٿي چڪو آهيان."

هن آيت مان ثابت ٿيو تہ دين ڪٽل نہ بلڪ مڪمل آهي. ڪنهن کي اها اجازت نہ آهي تہ هو حلال کي حرام يا حرام کي حلال ڪري.

(٥) شيعن جا صحابہ ڪرام رضوان الله عليهم اجمعين جي باري ۾ بہ غلط عقيدا آهن. شيعن الله جي پيغمبر جي باري ۾ چيو آهي تہ حضور ﷺ کي پنهنجي مشن ۾ ڪاميابي حاصل نہ ٿي ۽ حضور ﷺ جي وفات ڪانپوءِ پنجن شخصن کان سواءِ جيڪي بہ مسلمان هئا نعوذ بالله اهي سڀ مرتد ۽ ڪافر ٿي ويا اهي پنج شخص هي آهن؛ حضرت علي رضہ، حضرت سلمان فارسي، حضرت عمار بن ياسر رضہ، حضرت مقداد رضہ حضرت ابوذر غفاري رضہ. شيعا باقي اصحابن کي گاريون ڏيندا آهن. شيعا ابوجهل ۽ ابولهب جي خلاف ڪڏهن بہ نہ ڳالهائيندا آهن بلڪ حضور ﷺ جي اصحابن کي ڳالهائيندا آهن. الله پاڪ صحابہ کي رضي الله عنهم ورضو عنه جو لقب ڏنو ۽ شيعن چيو تہ الله اصحابن کي راضي ٿئي تہ ٿئي بلڪ اسان ڪڏهن بہ راضي نہ ٿينداسين ڇاڪاڻ تہ صحابہ کي گاريون ڏيڻ اسانجو ايمان آهي.

(٦) شيعن وٽ تقيہ، متعہ، تبّرا، رجب جا ڪونڊا، ماتم ڪرڻ وغيره ايمان جي بنيادي عقيدن منجهان آهن. هاڻي اهو بهتر آهي تہ شيعن جي عقيده متعہ تي ڪجهہ لکان ڇاڪاڻ تہ شيعن عورت کي پيش ڪري ڪافي مسلمانن کي ڪافر بنائڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي آهي. انڪري ٻين عقيدن کي ڇڏي صرف متعي تي ڪجهہ تفصيل سان لکان ٿو:-

متعہ اهل سنت والجماعت جي نزديڪ حرام آهي. شيعا جيڪا بڪواس متعہ جي حلال ڪرڻ لاءِ ڪن ٿا اها بي بنياد آهي. شيعا متعہ جي حلال هجڻ لاءِ قرآن مان جيڪو دليل پيش ڪن ٿا اهو هي آهي؛

" فما استمتعتم به منهن فاتوهن اجورهن فريضة" القرآن پ ٥
ترجمو: پوءِ جن عورتن سان اوهان متعه ڪيو آهي انهن کي مقرر ڪيل مهر ادا ڪيو.

اهل سنت والجماعت هن آيت مان متعه جي جائز هجڻ جو انڪار ڪري ٿي چاڪاڻ ته: "فمااستمتعتم به منهن فاتوهن اجورهن فريضة" القرآن (النساء پ ٥)

ترجمو: اهو مال جنهن جي عوض انهن (زالن) کان فائدو ورتو تن کي سندن ڪابين مقرر ڪيل ڏيو (ترجمه امروٽي رحه)

هن آيت ۾ نڪاح صحيح جي ذريعي فائدو وٺڻ مراد آهي مولانا محمد ادريس ڪاندهلوي رح معارف القرآن ۾ هن آيت جي تفسير ۾ متعه جي حرام هجڻ جا ڪافي دليل ڏنا آهن. قاضي ثناء الله پاڻيپتي رح پنهنجي تفسير مظهري ۾ پڻ ڪافي دليل ڏنا آهن. ارشاد رباني آهي ته " والذين هم لفروجهم حافظون● الاعلیٰ ازواجهم اوما ملكت ايمانهم فانهم غير ملومين● فمن ابتغیٰ ورآء ذالک فاولئک هم العادون● ". (القرآن پ ١٨)

ترجمو: ۽ جي پنهنجن اگهڙن کي (زنا کان) بچائيندڙ آهن رڳو پنهنجين زالن يا پنهنجين ٻانهين سان (گڏ ٿيندا آهن) پوءِ بيشڪ اهي ملامت ڪيل نه آهن. پوءِ جيڪي انهن (زالن يا پنهنجين ٻانهين) کانسواءِ طلبيندا سي ئي حد کان لنگهندڙ آهن.

يعني معلوم ٿيو ته پنهنجي زال ۽ پنهنجي ٻانهيءَ کانسواءِ پنهنجي شرمگاهه جو ٻئي هنڌ استعمال ڪرڻ حد کان گذرڻ آهي، تنهنڪري متعه حرام آهي.

شيعه دليل ڏين ٿا ته متعه حضور ﷺ جي زماني ۾ حضرت ابوبڪر صديق رضه جي زماني ۾ حلال هو ۽ حضرت عمر فاروق رضي الله عنه پنهنجي مرضيءَ سان متعه کي حرام ڪيو. دليل ۾ شيعه صحيح مسلم

جي هيٺين حديث بيان ڪن ٿا.

جابر بن عبدالله انصاري روايت ڪري ٿو تہ اسان رسول الله ﷺ جي زماني ۾ ۽ ابوبڪر رضہ جي زماني ۾ هڪ مٺ کجور يا هڪ مٺ اٽي جي بدلي متعہ ڪندا هئاسون آخر عمر رضہ. عمرو بن حريث جي قصي ۾ ان کان منع فرمائي.

اهل سنت والجماعت پنهنجا دليل مضبوط رکيا آهن تہ حضور ﷺ پنهنجي دور اقدس ۾ متعہ کي حرام قرار ڏنو صحيح بخاري ڪتاب النڪاح ۾ حديث آهي تہ :

حضرت علي رضہ. ابن عباس رضہ کي فرمايو تہ نبي ڪريم ﷺ جنگ خيبر جي زماني ۾ متعہ ۽ پالتو گڏهہ جي گوشت کان منع فرمائي.

صحيح مسلم ۾ حديث آهي تہ اياس بن مسلمہ بن اکوع پنهنجي والد کان روايت ڪئي آهي تہ حضور ﷺ اوطاس واري سال ۾ ٽي دفعہ متعہ جي اجازت ڏني ۽ پوءِ منع ڪري ڇڏيائين.

صحيح مسلم ۾ هڪ ٻي هنڌ حديث آهي تہ رسول الله ﷺ فتح مڪہ جي ڏينهن عورتن جي متعہ کان منع فرمائي.

سنن ابوداڊد ۾ مسد بن مسرهد عبدالوارث اسماعيل بن اميہ زهري کان روايت آهي تہ اسين عمر بن عبدالعزيز رح وٽ هئاسين متعہ جو ذڪر اچي ويو. هڪ شخص چيو جنهن جو نالو ربيع بن سبره هو تہ مون پنهنجي والد کان ٻڌو تہ رسول الله ﷺ حجة الوداع ۾ متعہ کان منع فرمايو.

صحيح مسلم ۾ هي حديث " ربيع بن سبره پنهنجي والد کان روايت ڪئي آهي تہ هو رسول الله ﷺ سان گڏ هو تہ پاڻ ﷺ فرمايو تہ اي انسانو ! مون اوهان کي عورتن سان متعہ ڪرڻ جي اجازت ڏني هئي ۽ هاڻي الله تعالي انکي قيامت جي ڏينهن تائين حرام ڪري ڇڏيو آهي.

تنهڪري جنهن وٽ ڪا عورت هجي انکي ڇڏي ڏئي ۽ جيڪا شيء اوهان انهن کي ڏني آهي اها واپس نہ وٺو.

شيعا حضرت عمر رضي لله عنہ تي ڪاوڙيل آهن ان ۾ حضرت عمر رضہ جو ڪهڙو قصور آهي؟ قيامت تائين متعہ حرام ٿيڻ جي روايت حضور ﷺ کان ثابت آهي حضرت عمر رضہ پنهنجي دور خلافت ۾ تہ ان حڪم جي تشهير ڪئي ۽ حضرت، عمر رضہ اهو بہ چيو تہ جيڪو شخص متعي جي حلال هجڻ جي حديث حضور ﷺ کان چئن شاهدن جي روبرو پيش ڪري تہ مان حرمت متعہ کان رجوع ڪندس.

سنن ابن ماجہ ۾ حديث آهي تہ عبدالله بن عمر رضہ فرمايو تہ جڏهن عمر رضہ خليفو ٿيو تہ هن ماڻهن کي خطبو ڏنو تہ رسول الله ﷺ ٽن راتين لاءِ متعہ جي اجازت ڏني هئي پوءِ انکي حرام فرمايو. الله جو قسم هاڻي مان ڪنهن کي متعہ ڪندي ٻڌو تہ جيڪڏهن محصن (١) هوندو تہ انکي سنگسار ڪندس. ها جيڪڏهن توهان چار شاهد ان ڳالهہ جا آڻيو تہ. نبي ڪريم ﷺ متعہ کي حرام ڪرڻ کان بعد انکي وري حلال فرمايو هو.

شيعا دليل ڏيندا آهن تہ حضرت عبدالله بن عباس رضہ متعہ کي حلال سمجهندو هو ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ حضرت عبدالله بن عباس متعہ کي حلال سمجهندو هو پر پوءِ هن ان ڳالهہ کان رجوع ڪيو. جامع ترمذي ۾حديث آهي تہ حضرت ابن عباس رضہ کان روايت آهي تہ متعہ ابتداء اسلام ۾ هو. هڪ ماڻهو ڪنهن شهر ۾ ويندو هو جتي ان جي ڄاڻ سڃاڻ نہ هوندي هئي تہ هو ايتري مدت لاءِ ڪنهن عورت سان نڪاح ڪندو هو جيترو وقت اتي ترسڻو هوندو هو. اها عورت ان جي

---

(١) محصن جڏهن شادي شده مرد ۽ عورت ڪنهن ٻئي شادي شده ٿيل مرد يا عورت سان زنا ڪن تہ ان کي محصن چوندا آهن.

سامان جي حفاظت ڪندي هئي ۽ ان جي مال جي اصلاح ڪندي هئي پوءِ جڏهن هيءَ آيت نازل ٿي الا علي ازواجهم او ماملڪت ايمانهم ته حضرت ابن عباس فرمايو ته انهن ٻنهي کان سواءِ هر شرمگاهه حرام آهي.

هن حديث مان معلوم ٿيو ته حضرت عبدالله بن عباس رضه پنهنجي زندگيءَ ۾ متعه جي حلال هجڻ کان رجوع فرمايو.

هاڻي شيعه حضرت عمر رضه تي گند اڇلائن ٿا. مان انهن کان پڇان ٿو ته اوهان حضرت عمر رضه تي ناراض ڇو ٿا ٿيو؟ اوهان کي حقيقي معنيٰ ۾ حضور ﷺ تي ناراض ٿيڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته حضور ﷺ الله جي حڪم سان متعه کي قيامت تائين حرام قرار ڏنو. جيئن اسان صحيح مسلم جي حديث مٿي بيان ڪري آيا آهيون. شيعه حضرات الله ۽ الله جي رسول جي مخالفت ڇو ٿا ڪن ۽ قرآن ۾ اها ڳالهه واضح آهي ته جيڪو الله جي رسول جي مخالفت ڪندو ان جي جاءِ جهنم آهي. ارشاد رباني آهي ته "وَمن يشاقق الرسول من بعد ماتبين له الهديٰ ويتبع غير سبيل المؤمنين نوله ماتوليٰ ونصله جهنم و ساءت مصيرا" ترجمو "۽ جيڪو ماڻهو حق ظاهر ٿيڻ کانپوءِ رسول جي مخالفت ڪندو ۽ سڀني مسلمانن جي رستي جي خلاف هليو. جنهن طرف هو مڙيو اسان ان کي ان طرف موڙيندا سون ۽ اسان ان کي جهنم ۾ داخل ڪنداسون ۽ اها بڇڙي جاءِ آهي". (سورة النساء آيت ١١٥)

قارئين ڪرام اوهان پاڻ فيصلو ڪريو جيڪو گروهه الله کانسواءِ ٻئي کان مدد گهري، نبيءَ جي ختم نبوت جو منڪر هجي، قرآن کي صحيح نه سمجهي، صحابه ڪرام کي مرتد ۽ ڪافر سمجهي، دين ۾ طرحين طرحين جا شڪوڪ ۽ شبهات پيدا ڪري ڇا ان گروهه کي اڃا به اوهان مسلمان سمجهندؤ؟ وڌيڪ فيصلو اوهان پاڻ ڪريو.

آخر ۾ مان سائين راشد راهي کي مبارڪ باد ڏيندس جو هن محنت

ڪري شيعت ۽ اسلام جهڙو عام فهم ڪتاب مرتب ڪيو ۽ عوام کي شيعت جي فتني کان بچائڻ جي ڪوشش ڪئي. الله پاڪ سندس هن ڪاوش کي قبول فرمائي ۽ هن ڪتاب کي عوام ۾ مقبوليت بخشي.

آخر ۾ مان معذرت سان چوندس ته هن ڪتاب جي مقدمي جو صحيح معنيٰ ۾ مان حق ادا نه ڪري سگهيو آهيان، ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته هن ڪتاب جو مقدمو ڪو فاضل محقق ۽ عالم سڳورو لکي ها ته تمام سٺو ٿئي ها. جيڪي الله پاڪ مون کان لکرايو آهي ان کي الله پاڪ قبول فرمائي. آمين.

2 اپريل 1995ع

**گل حسن سينار**

آخري سال ايم - بي - بي - ايس
چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج لاڙڪاڻو.

# پيش لفظ

بسم الله الرحمان الرحيم

نحمده ونصلي عليٰ رسوله الڪريم.

برادران اسلام ! اسلام، الله جو پسنديده دين آهي. اسلام کانسواءِ ٻيا سڀ دين منسوخ ٿي ويا. هاڻي جنهن کي به زندگي گذارڻي آهي، اهو الله جي قرآن ۽ حضور اڪرم ﷺ جي فرمان موجب زندگي گذاري ۽ عقيدا اهي رکي جيڪي قرآن ۽ سنت موجب هجن. عقيدي جو معيار قرآن ۽ سنت جي ڪسوٽي آهي.

جيڪڏهن ڪنهن فرد يا جماعت جا عقيدا به درست هجن ۽ عمل به صحيح آهي ته اهو فرد يا جماعت سچو ۽ پڪو مسلمان آهي. پر جيڪڏهن ڪنهن فرد يا جماعت جا عقيدا ته درست آهن پر عمل ۾ ڪي ڪوتاهيون يا گهٽتايون آهن ته پوءِ وري به ان لاءِ بچاءَ جو ياگو ۽ ڇوٽڪاري جي اميد آهي. پر جنهن فرد يا جماعت جا عقيدا قرآن ۽ سنت موجب نه هجن ۽ عمل به اسلام خلاف ۽ ابتڙ هجي، ان لاءِ بچاءَ يا ڇوٽڪاري جي ڪابه اميد نه آهي، بلڪ اهو فرد يا جماعت اسلام کان به خارج آهي، پوءِ ڀل ماڻهو ان کي مسلمان سمجهندا هجن يا اهو پاڻ کي مسلمان ڇو نه سڏائيندو هجي، خدا وٽ اهو ڪافر، ملحد ۽ زنديق آهي.

مٿي بيان ڪيل ڪسوٽي يا معيار جي روشنيءَ ۾ اسانکي شيعي مذهب جو جائزو وٺڻو پوندو ته آيا اهو ان ڪسوٽيءَ تي پورو بيهي ٿو يا نه؟ ان مذهب جي پيروڪارن کي اسلام جي خاني ۾ رکي سگهجي

تو يا نہ؟ جذبات کي پاسيرو رکي، ٿڌي سيني ۽ خالي ذهن تي کري هيٺ بيان ڪيل ڳالهين تي غور ڪريو. اميد تہ توهان صحيح نتيجي تي پهچي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندؤ-

اسلام ٻڌائي ٿو تہ خدا تعاليٰ هر عيب ۽ نقص کان پاڪ آهي، شيعو مذهب ٻڌائي ٿو خدا بہ ڪڏهن ڪڏهن ڀلجي پوندو آهي ۽ هن کان بہ غلطي ٿي ويندي آهي. اسلام ٻڌائي ٿو تہ جنت جو مالڪ صرف خدا آهي، هو پنهنجن ٻانهن کي نيڪ عملن جي عيوض يا پنهنجي ٻاجهہ ڪري جنت ۾ داخل ڪندو ۽ جنت جي مٿان ٻئي ڪنهن جو بہ تصرف يا حق نہ آهي. شيعو مذهب ٻڌائي ٿو تہ جنت پنجتن جي جاگير آهي، جنهن کي وڻين تہ جنت ۾ داخل ڪن ۽ جنهن کي وڻين تہ ان مان ٻاهر ڪڍن. اسلام اسان کي ڏسي ٿو تہ الله کانسواءِ ڪوبہ غيب جو علم نٿو ڄاڻي. شيعو مذهب ٻڌائي ٿو تہ امام غيب جو علم ڄاڻن ٿا ۽ کين دنيا جي هر ذري پرزي جي ڄاڻ آهي. اسلام ٻڌائي ٿو تہ صرف الله ئي مشڪل ڪشا ۽ حاجت روا آهي ۽ ان کانسواءِ ٻيو ڪوبہ حاجت روا ۽ مشڪل ڪشا نہ آهي. شيعو مذهب ٻڌائي ٿو تہ حضرت علي رضہ مشڪل ڪشا آهي، تڪليف وقت رڳو سڏڻ جي دير آهي، اک ڇنڀ ۾ اچيو سڏيندڙ جي تڪليف دور ڪيو وڃي.

اسلام ٻڌائي ٿو تہ رسول ڪريم ﷺ معصوم ۽ پاڪدامن آهي ۽ سائينجن کان ڪوبہ گناهہ سرزد نہ ٿيو آهي. شيعو مذهب ٻڌائي ٿو تہ هڪ دفعي رسول خدا جونيہ نالي هڪ عورت کي بري ڪم لاءِ پاڻ وٽ گهرايو پر ان عورت جي انڪار ڪرڻ تي معاملو نہ ٿي سگهيو.

(بحوالہ ڪتاب "عقدام ڪلثوم" مڪتبہ ڪاظميہ لاهور-صفحو نمبر ۴۷ مصنف سيد علي حيدر)

اسلام اسان کي اهو سيکاري ٿو تہ حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جون سڀ گهرواريون (ازواج مطهرات) اهل بيت ۾ شامل آهن. اهي مومن

جون مائرون آهن، انهن جو وڏو شان آهي. اهي سڀ نيڪوڪار، پاڪدامن ۽ احترام لائق آهن. سندن عزت ڪرڻ مسلمانن جو مذهبي فريضو آهي. شيعو مذهب وري پيغمبر پاڪ جي ازواج مطهرات کي اهل بيت ۾ شامل ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي. شيعا (بي بي خديجة الڪبريٰ کي ڇڏي ڪري) باقي ٻين گهر وارين جي ڪا بہ عزت نہ ڪندا آهن، بلڪ انهن سان عداوت ۽ دشمني رکندا آهن. خاص طرح ام المومنين حضرت بي بي عائشہ صديقہ رضي الله تعاليٰ عنها سان تہ کين سخت دشمني ۽ پڪو وير آهي. هو پنهنجن نجي ڪچهرين ۾ توڙي مذهبي ميڙن ۾ امان عائشہ صديقہ رضي الله تعاليٰ عنها جي شان ۾ گستاخي ڪندا آهن ۽ گندا الفاظ پڻ استعمال ڪندا آهن.

اسلام ٻڌائي ٿو تہ قرآن پاڪ اهوئي مقدس ڪتاب آهي، جيڪو الله تعاليٰ لوح محفوظ مان حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ تي نازل فرمايو ۽ ان ۾ ڪنهن بہ قسم جي تبديلي يا ڦير ڦار نہ ٿي آهي ۽ نہ وري قيامت تائين ڪا ڦير ڦار ٿي سگهندي. شيعو مذهب ٻڌائي ٿو تہ هيءُ قرآن اصلي قرآن نہ آهي بلڪ "عثماني صحيفو" آهي. اصلي قرآن امام غائب وٽ آهي جيڪو سرمن راه يا سامرا (عراق) جي غار ۾ لڪو ويٺو آهي. امام صاحب قيامت جي ويجهڙائيءَ ۾ جڏهن غار مان ٻاهر نڪرندو تہ پاڻ سان اصلي قرآن کڻيو ايندو. اهو اصلي قرآن هن قرآن کان اٽڪل ٽيڻو آهي. اسلام ٻڌائي ٿو تہ رسول يا نبيءَ جو درجو ساري مخلوق ۾ سڀ کان مٿاهون آهي. شيعو مذهب ٻڌائي ٿو تہ امامن جو درجو رسولن کان بہ مٿي آهي.

اسلام ٻڌائي ٿو تہ رسول کي، قرآن جي ڪنهن بہ حڪم کي تبديل ڪرڻ يا منسوخ ڪرڻ (رد ڪرڻ) جو اختيار نہ آهي. شيعو مذهب ٻڌائي ٿو تہ امام قرآن جي حڪمن کي بدلائي يا منسوخ ڪري سگهن ٿا ۽ اهي حلال کي حرام ۽ حرام کي حلال ڪرڻ جو اختيار

رکن ٿا.

اسلام اسان کي اها تعليم ٿو ڏئي تہ پيغمبر پاڪ حضرت محمد مصطفيٰ احمد مجتبيٰ ﷺ جا سنگتي يعني اصحاب ڪرام نبيء ڪانپوء سڄي امت کان وڌيڪ افضل ۽ پيارا آهن. اهي سڀ نيڪوڪار، عادل ۽ هدايت يافتہ آهن. الله تعاليٰ انهن کان راضي ۽ اهي الله تعاليٰ کان راضي آهن. اهي سڀ سچا ۽ پڪا مومن آهن ۽ اهي سڀ جنت جا حقدار آهن. شيعو مذهب ٻڌائي ٿو تہ اصحابي سڄي امت ۾ سڀ کان وڌيڪ خراب آهن. اهي ڪافر، مرتد، گمراهہ ۽ ظالم آهن. ٻن چئن (حضرت سلمان رضہ، حضرت ابوذر رضہ، حضرت عمار رضہ، حضرت جابر رضہ ۽ حضرت مقداد رضہ) کي ڇڏي ڪري باقي سڀ دوزخي آهن. (استغفرالله ثم استغفرالله)

اسلام ٻڌائي ٿو تہ زنا بڇڙو ۽ حرام فعل آهي، جيڪڏهن پرڻيل زنا ڪري تہ ان کي سنگسار (پٿرن سان چٽي مارڻ) ڪرڻو آهي ۽ جيڪڏهن اڻ پرڻيل زنا ڪري تہ ان کي سزا طور هڪ سو درا (چهبڪ) هڻا آهن. شيعو مذهب ٻڌائي ٿو تہ متعو (متعي بابت احوال هن ڪتاب ۾ ڏنو ويو آهي) يعني زنا وڏي ثواب جو ڪم بلڪ جهاد کان بہ افضل آهي ڪو بہ ماڻهو متعي يعني زنا ڪرڻ ڪانسواء جنت ۾ نٿو وڃي سگهي.

اسلام ڏينهن رات ۾ پنج وقت نماز پڙهڻ جو حڪم ڏئي ٿو. شيعو مذهب ٽن نمازن پڙهڻ جي تلقين ڪري ٿو. اسلام وضوء ۾ پيرن ڌوئڻ جو حڪم ڏئي ٿو، شيعو مذهب پيرن ڌوئڻ کي غير ضروري سمجهي ٿو، رڳو پيرن کي مسح ڪرڻ (پيرن مٿان آلو هٿ گهمائڻ) جي ڳالهہ ڪري ٿو. اسلام هٿ ٻڌي نماز پڙهڻ جي هدايت ڪري ٿو، شيعو مذهب هٿ کولي نماز پڙهڻ جو ڏس ڏئي ٿو. اسلام مالدار مسلمانن کي زڪوات ڏيڻ جو حڪم ڪري ٿو، جيڪا غريب

مسلمانن ۾ ورهائي وجي ٿي. شيعو مذهب وري زڪوات بدران خمس ڏيڻ جي ڳالهه ڪري ٿو. اهو خمس به رڳو آل نبيءَ لاءِ مخصوص آهي، باقي ٻيا غريب مسلمان ڀل ته وتن ٿاٻا کائيندا. اسلام هدايت ڪري ٿو ته روزي رکڻ وقت باک ڦٽڻ تائين کائي پي سگهجي ٿو ۽ سج لهڻ سان ئي روزو کولڻ گهرجي. شيعو مذهب وري ان جي ابتڙ ڳالهه ڪري ٿو يعني روزو سوير بند ڪريو ۽ سج لهڻ وقت دير سان کوليو. اسلام عورت کي بغير محرم جي حج تي وڃڻ کان منع ڪري ٿو، شيعو مذهب عورت کي بنا محرم جي حج تي وڃڻ جي اجازت ڏئي ٿو.

اسلام ۾ مقدس جاءِ مسجد آهي، شيعي مذهب ۾ وري ان جي مقابلي ۾ مقدس ۽ پاڪ جاءِ امام بارگاهه آهي. اسلام جو ڪلمون ٻيو، شيعن جو ڪلمو ٻيو. اسلام جي بانگ ٻي، شيعن جي بانگ ٻي. اسلام جو درود ٻيو، شيعن جو درود ٻيو. مطلب ته شيعو مذهب اسلامي عقيدن ۽ احڪامن جي ضد ۽ ابتڙ جو نالو. هن مذهب جو اسلام سان ڪنهن به قسم جو ڪوبه تعلق ۽ واسطو نه آهي. جنهن به شيعي جا مٿي بيان ڪيل عقيدا هوندا ته ان جي ايمان جو خير ڪونهي.

اردو زبان ۾ هن مذهب جي باطل ۽ بي بنياد عقيدن کي نروار ڪرڻ بابت تمام گهڻا ڪتاب شايع ٿيل آهن. اسان جي سنڌيءَ زبان ۾ به ان ڏس ۾ ڪو خاصو ڪم ٿيل آهي ۽ ڪيترائي ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن، جن ۾ هن مذهب جي اصل حقيقت ۽ گمراهه ڪن عقيدن کي ظاهر ۽ پڌرو ڪيو ويو آهي ته جيئن عام مسلمان انهن جي دام ۾ نه ڦاسن. هي مرتب ڪيل ڪتاب به ان سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي. هن ڪتاب ۾ ٻه علمي مقالا (شيعت ۽ اسلام از حضرت مولانا محمد يوسف صاحب لڌيانوي ۽ شيعي مذهب ۾ متعو ڇا آهي؟ از محترم غلام محمد ميمڻ صاحب) ۽ ڪجهه ضميما شامل آهن. هن ڪتاب پڙهڻ سان جيڪڏهن ڪنهن به ماڻهوءَ کي ڪو ديني فائدو پهتو ته مان

سمجهندس تہ منهنجو پورهيو صاب پيو.

آخر ۾ مان پنهنجن انهن دوستن جو نهايت ٿورائتو آهيان، جن هن ڪتاب ۾ مون سان تعاون ڪيو. ان ڪان علاوه هن ڪتاب جي ڪمپيوٽر آپريٽر مسٽر ارشاد احمد "ساگر" گڏاڻي جو شڪريو ادا ڪرڻ ضروري سمجهان ٿو جنهن تمام گهڻي خلوص ۽ محبت سان هي ڪتاب ڪمپوز ڪيو. الله پاڪ انهن کي جزاء خير عطا فرمائي (آمين)

بروز جمعة المبارڪ
مؤرخہ ٢٧ جنوري ١٩٩٥ع
مطابق ٢٥ ـ شعبان المعظم ١۴١٥ھ

والسلام
اصحاب ڪرام جو ادنيٰ خادم
راشد راهي

# شيعہ امل مليشيا پاڪستان جو هڪ ڳجهو خط

[جيڪو ملت جعفريہ (شيعن) جي سيني ليڊرن ڏانهن موڪليو ويو. ان خط جي هڪڙي ڪاپي انجمن " تحفظ اقدار دين اسلام " پاره چنار (صوبہ سرحد، پاڪستان) کي هٿ اچي ويئي. انجمن ان خط جون ڪيتريون ئي ڪاپيون نقل ڪرائي، ملڪ ۾ ورهايون. اصل خط ۽ ان جو سنڌي ترجمو هيٺ ڏجي ٿو. اهو خط هن ڪتاب ۾ انڪري شامل ڪيو ويو آهي تہ جيئن پاڪستان جا مسلمان، شيعن جي سفاڪين، ظالمانہ ڪارروائين، اسلام دشمني، ملڪ سان غداري ۽ توسيع پسندانہ عزائم کان واقف ٿين. مرتب]

شيعت کي کهانى،
شيعت کي زبانى.

۱۱۰

ادرکني ياعلي!

پيارے مؤمن بهائي بهنو ! يا علي مدد

شيعت باقي و ديگر همه را فنا کردم

يون تو هماري داستانِ جدوجهد چوده سو سال پراني هے. کبهي کاميابيون نے همارے قدم چومے اور کبهي عارضي ناکامي نے همين جدوجهد کي نئي جهتون سے واقف کيا. کهين جان کے نذرانے پيش هوئے، کهين ناصبي سنيون کے سرون کو روندکر شيعانِ علي ع نے بهادري کي مثالين قائم کين اور دشمنون کو درسِ عبرت ديا. هر چند کہ هم هر دور ۾ اقليت ۾ رهے ليکن مصروفِ عمل رهے. نور پنجتن نبي اکرم صلہ کے دور کے فوراً بعد هي هم نے اپني تحريک کي ابتدا کردي

تھي. ناصبیون نے اپنے سردار نمبر۱ کو بٹھایا، لیکن ھماري تحریک جاري رھي. ھم نے زکواۃ امام عہ کا حق جانتے ھوئے "اول" کو زکواۃ دینے سے انکار کیا تو اس نے ھم پر تلوار چلائي. ناصبیون نے مومنین پر "دوم" کو نصب کردیا. اگرچہ ھم اس وقت دب گئے، لیکن ھم مٹے نھین. ھمارے سردار عالي وقار حضرت بابا شجاع ابو لؤلؤ نے اپني جان کي پرواہ نہ کرتے ھوئے تاریخ کا روشن ترین کارنامہ سر انجام دیا. ناصبیون نے اپنا سردار نمبر ۳ (ثالث) ھم پر مسلط کیا. ھم نے حضرت (عبداللہ) ابن سبا رحہ کي روح کي قیادت مین ناصبیون ھي مین سے ایسے لوگ تلاش کرلئے جو نسلي امتیازات کے حامي تھے اور ان ھي کي مدد سے حضرت امیر مولائے کائنات مولائے مرتضیٰ علي علیہ السلام کو ان کا حق دلوایا اور غاصبون کو دفع کیا. امام اول کے پردہ فرمانے کے بعد پھر ناصبي غالب اگئے. الغرض تاریخ اس بات کي گواہ ھے کہ ھر دور دورِ کربلا رھا ھے.

ھندوستان مین جب مغلون کا شاھي گھرانہ شیخ (احمد) سرھندي سے بیعت ھونا شروع ھوا تو مؤمنین نے بھانپ لیا کہ یھان ناصبي شریعت آنے والي ھے. لھذا مؤمنین نے نھایت حکمت سے بادشاھون، شھزادون، امراء اور سپہ سالار کے گرد دائرہ تنگ کردیا او متعہ شریف کي برکت سے محلات او خواص کے دلون پر قبضہ کرلیا اور دشمنون کي چالون کو کافي حد تک ناکام بنادیا. ایران مین صفوي حکومت قائم کرکے دشمنون کي خوب خبرلي. ادھر صلاح الدین ایوبي کے خطرے کو بروقت محسوس کرکے ایک طرف صلیبیون کے دربار مین سفارت بھیجي اور دوسري طرف فدائي طریقے سے معاملات کو حل کیا. نابلسي سني علماء کو لوگون کے لئے عبرت بنایا. ھندوستان مین سراج الدولہ کو سني دوستي کي سزا دي. حیدرآباد دکن کے معاملات کو درست کیا. الغرض شیعانِ علي کي بھار ــ ھر

چمن اور ریگزار مین طرح طرح کے پھولون سے دنیا کو مھکاتي رھي. کھین معتزلہ کے روپ مین، کھین قرامطہ کي شکل مین، کھین عبیداللہ المهدي اس کے مالي ھین، کھین حسن بن صباح اس گلشن کے نگھبان ھین.

پچھلي صدي مین غیر منقسم ھندوستان مین سر آغا خان نے ھماري تحریک کو پروان چڑھایا. اپني حکمت عملي سے تمام سني نوابون اور بیشتر سني علماء کے سردار بن کر ایک شیعہ مملکت پاکستان بنائي. لیکن مودودي وغیرہ کو شک ھوگیا ورنہ سر آغا خان اس ملک کے پھلے گورنر جنرل ھوتے او معاملہ ھمیشہ کے لئے حل ھو چکا ھوتا. اس کا توڑ ھم نے یہ کیا کہ راجہ صاحب محمود آباد کے دوست محمد علي جناح کو سامنے لے آئے اور آغا خان پس منظر سے ھدایات جاري کرتے رھے. لیکن جناح آخري عمر مین سٹھیا گئے اور سني بن گئے اور یون اپني عاقبت خراب کرلي.

پاکستان بن جانے کے بعد راجہ صاحب نے اس ملک کو مؤمن حکومت بنانے پر زور دیا، تو جناح نهین مانا، لھذا ان کا دھیرے دھیرے حساب کردیا گیا. پھر ناصبي لیاقت علي خان آیا اور مولانا شبیر احمد عثماني کے چکر مین آکر ملک کو سني اسٹیٹ بنانے کي کوشش کي، تو اس کا بھي علاج کیا گیا. یون مھم چلتي رھي، بالآخر مؤمن بھائي اسکندر مرزا کو لانے مین کامیاب ھوگئے. لیکن پھر ناصبي غاصب ایوب آگیا. اس موقعہ پر ۱۹۶۵ع مین بھارت نے ھماري مدد کي لیکن خاطر خواہ کامیابي نہ ملي، بھرحال ھم نے ایوب کے خلاف تحریک چلاکر مؤمن جنرل آغا محمد یحیٰ خان کو بٹھایا. ان کے مبارک دور ۾ آغا شاھي صاحب اور دیگر حضرات نے تحریک کي اچھي خدمات انجام دین. لیکن ملک کو شیعہ اسٹیٹ بنانے مین اس وقت یہ رکاوٹ تھي کہ مشرقي پاکستان مین کوئي مؤمن نھین تھا اور

سني مجیب ملک کا وزیر اعظم ہونے ہي والا تھا، لہذا ہم نے ہندوستان سے مدد مانگي اور اس مسئلے کو ہمیشه کے لئے حل کرلیا. پھر بھٹو صاحب کا تعارف ہم نے حضرت مولا علي کي تلوار کي حیثیت سے کرواکر ان کو استحکام بخشا. ان کے دور مین ہمارا دین خوب پھلا پھولا اور شیعہ دشمن جماعت اسلامي کے لیڈروں اور کارکنون کو اپنے انجام تک پہنچایا. آپ اندازہ نہین کرسکتے کہ اگر آج داکٹر نذیر زندہ ہوتا تو ہم پر کیا گذرتي. لہذا اس کا پارسل کرنا ضروري تھا. اس پورے دور مین آپ نے دیکھا کہ ہمارا کوئي بھائي دلائي کیمپ یا کسي مصائب کا شکار نہین ہوا. ادھر پھر ناصبیون نے نو ستارے بناکر ناصبي شریعت کے نفاذ کا مطالبہ کیا. قریب تھا کہ وہ کامیاب ہوجاتے کہ آغا خان چھارم نے ہماري مدد کي. انہون نے امریکہ سے کہکر جنرل ضیاءالحق کو کرسي پر بٹھادیا اور یون نو ستارے غروب ہوگئے اور اتنے مین ہم پھر اپنے قدمون پر کھڑے ہوگئے. اسکولون مین ہم اسلامیات کان نصاب علحدہ کروانے مین کامیاب ہو چکے تھے، زکواۃ کے نظام سے بھي ہمین چھوٹ مل گئي. ہماري مساجد اور امام بارگاہ کثرت سے تعمیر ہوئے. اردو ادب کے نصاب مین میر انیس اور دبیر کے مرثیے داخل کروائے گئے اور یون سني طلباء کي دھیرے دھیرے ذھن سازي کرنے مین بھي ہم کامیاب ہوگئے. بڑے بڑے سني شاعر اور فنکار ٹي وي اور ریڈیو پر مرثیہ پڑھنے لگے اور عوام الناس کے دلون مین ہمارے مذھب کي محبت جڑ پکڑتي گئي اور دوسري طرف ایران مین مؤمن حکومت قائم ہوجانے سے ہمارے حوصلے بلند ہوتے گئے. وہان سے ریڈیو زاھدان پر برسون امام خمیني کي تقاریر اردو پروگرام مین نشر ہوتي رہین. اور امام خمیني نے کھل کر کہہ دیا کہ مصر، ترکي، سعودي عرب اور پاکستان کي حکومتون کا تختہ الٹ دیا جائے اور یہان مؤمن حکومت قائم کي

جائے. پاکستان مین ایراني سفارت خانے اور قونصل نے اس سلسلہ مین هماري تحریک کي لاکھون ڈالر سے امداد کي، ساتھ ہي لٹریچر اور اسلحہ بھي فراهم کیا. اب جهاد کا وقت آچکا تھا. هم نے محسوس کیا کہ جنرل ضیاء الحق نے ظهورالحسن بھوپالي کو سندھ کا گورنر بنانے کي کوشش شروع کردي هے. ظاهر هے کہ ایسے سخت ناصبي کے معاملے مین نرا تغافل نهین برتا جاسکتا. لهذا دین کے مفاد مین اس کا سوئچ آف کردیا گیا. پھر هم نے دشمن نمبر:١ احسان الهي ظهیر کا معاملہ طئے کردیا.

دوسري طرف آمریکا نے ایران سے دشمني شروع کردي، جس کے نتیجے مین جنرل ضیاءالحق نے بھي شیعون کے معاملے مین حق تلفي کرنا شروع کردي. پھر سني علماء کا دباؤ ضیاءالحق پر بڑھنے لگا. هم نے تحریک نفاذ فقہ جعفریہ کے سربراهہ علامہ عارف حسین الحسیني سے شکایت کي لیکن ان پر شیعہ ۔ سني اتحاد کا بھوت سوار تھا، لهذا مجبوراً همین انهین الوداع کهنا پڑا. یہ ناخوشگوار فرض علامہ کے محافظ ضامن حسین صاحب کو ادا کرنا پرا، جس کے بعد پولیس کے تشدد سے بچنے اور ملیشیا کے راز پر پردہ دالنے کے لئے انهون نے خود کشي کرلي.

ضیاءالحق ایٹم بم بناکر ایشیا کا مانیٹر بننا چاھتا تھا اور اس صورت مین وہ ایران کے لئے خطرہ بن جاتا. لهذا هم نے اسلامي بم کے راز بمعہ دستاویزي ثبوت یورپ اور آمریکا کو پهنچا دیے. جس کے نتیجے مین کئنیڈا اور آمریکہ نے ایٹمي تعاون بند کردیا، لیکن یہ شخص نچلا بیٹھنے والا نهین تھا. اس نے پھر کوششین شروع کردین. هم نے بھارتي اخباري نمائندے کلدیپ نیر کو تحریک کے ایک ساتھي سید مشاهد حسین کي معرفت ایٹمي انرجي کمیشن کے سربراهہ تک پهنچا دیا اور اس سے راز اگلواکر طشت ازبام کردیئے. پھر نادرپرویز

كي سازش سے بهي امريكہ كو باخبر كرديا كہ كس طرح وہ ايٹم بم سے متعلق "مواد" منگوا رها هے. گويا همارے كاركن آپ كے تعاون اور دعاؤن كي وجہ سے اپنے مشن سے ايك لمحہ بهي فارغ نهين بيٹهے.

امام خميني مد ظله كو جب عراق سے فرصت ملي تو سب سے پهلے انهون نے روس، بهارت اور اسرائيل كي مدد سے "ماسٹر پلان" بنايا اور همارے بدترين دشمن ضياءالباطل كا پتہ صاف كرديا اور اس كے ساتهہ كئي دوسرے سني فوجي جرنلون كو بهي دور كرديا. اس معركہ مين همارے مؤمن بهائيون نے اپني جانون كا نذرانہ پيش كيا. چيف وارنٹ آفيسر جناب نوروز (ايراني النسل) جو اس جهاز پر سوار تهے، انهون نے اپني جان مولا علي كے نام پر قربان كردي. پاكستان مين مومن حكومت قائم هونے پر اس عظيم شهيد كي ايك يادگار بنائي جائے گي. ايران سے خبر آئي هے كہ وهان پر ان كي ايك شاندار يادگار امام علي رضا كے روضے كے پاس قائم كرنے كا پروگرام هے. امام خميني نے اپنے خصوصي خط مين انهين "لؤ لؤ" ثاني كا لقب ديا.

اسي طرح "آپريشن اوجهڑي كيمپ" كے سلسلے مين همارے تين كمانڈوز اور ايك اسرائيلي ريڈيو آفيسر بهي كام آگئے. ليكن ان كا كارنامہ رهتي دنيا تك ياد ركها جائے گا. بهرحال ان تمام قربانيون كے بعد اب هم اس حالت مين آچكے هين كہ سينيٹ كے قائم مقام چيئرمين جناب فضل آغا صاحب، كور كمانڈر جناب سيد ذاكر علي زيدي صاحب، سيكريٹري دفاع جناب سيد اجلال حيدر صاحب اور ايسے هي بيشمار مومن حضرات فوج، پوليس اور حكومت كي مشنري مين هر سطح پر موجود هين. بس اب آپ لوگون كے تعاون اور دعاؤن كي ضرورت هے. اب وہ منزل قريب هے جس كے لئے هم طويل عرصے سے نسل در نسل كوشان هين. آج شهدائے كربلا كی ياد مين اس ملك مين عام تعطيل هوتی هے، كسي ناصبی خليفے كی ياد يا احترام مين كوئی

تعطیل نہین ہوتي. آج سني ہمارے پرچار سے متاثر ہوکر رجب کے کونڈے کھاتے ہین. آپ جانتے ہین کہ اسکي کیا حقیقت ہے؟ الغرض پورے ملک کے سنیون کا ذہن کسي نہ کسي درجے مین شیعت سے متاثر ہے. یہ تو کامیابي کي منازل کي ابتداء تصور کي جاسکتي ہے.

صوبہ سندہ مین ہمین بہت کامیابي حاصل ہوئي ہے. ہم نے ایم ۔ کیو ۔ ایم (M.Q.M) بناکر مودودیون، نورانیون اور سواد اعظم کا ہمیشہ کے لئے منہ کالا کردیا. آپ نے بلدیاتي انتخابات مین دیکھہ ہي لیا ہوگا. ان تینون خبیث جماعتون کو ہم نے خود ایم کیو ایم کے سني کارکنون کے ہاتھون ختم کروادیا ہے. یہ ہماري سیاسي بصیرت کي ایک واضح دلیل ہے. آپ ہم پر پورا اعتماد کرین، بھرپور طریقے پر ایم کیو ایم مین شامل ہون، ہنگامون مین سني لوگون کو ختم کرین. چاہے وہ کسي جماعت کا ہو، کسي صوبے کا ہو، کسي زبان کا ہو، ان کي جائدادون کو آگ لگائین. آپ بي فکر رہین، کسي کو مہاجر موومنٹ سے ٹکر لینے کي جرئت نہین ہوگي. اس طرح شیعہ برادري بدنام بھي نہین ہوگي اور سني لوگ معاشي طور پر مفلوج ہوجائین گے. آج ہمارے ماتمي جلوسون مین ہم ان کے اکابر پر تبرا کرتے ہین، کسي کو جرئت نہین جو ہم کو روک سکے. لطف کي بات یہ ہے کہ خود سني لڑکے ہمارے ماتمي جلوسون کي محافظت کرتے ہین. اس سلسلہ مین ہم نے اپني بہنون او بیٹیون کو سني جوانون سے متعہ کرنے کي ترغیب دي ہے، اور اس عبادت عظمیٰ کي بدولت کراچي کا ہر سني مہاجر جوان ذہني طور پر ہمارا غلام بن چکا ہے. یہي تجربہ ہمارے اسلاف مغل بادشاہون پر بھي کرچکے ہین اور اس مین وہ کامیاب تھے. آج بھي ہم اسي طرح سے کامیاب ہین اور ہماري خواتین کو اس کا بہت اجر ملیگا.

اس طویل مراسلے کي غرض و غایت یہ ہے کہ اب مایوسي کے دن

گئے. اب امام قائم الزمان کي بعثت هونے والي هے. تمام دنيا پر مومن حکومت قائم هوگي. ناصبيون کي جان پر بن آئيگي. آپ لوگ حوصلہ رکھين. ايم کيو ايم کو خوب چندہ دين, اسلحہ استعمال کرنے کي تربيت حاصل کرين. هر يونٹ مين اپنے مومن بهائي سے مشورہ کرين. خاص حالات مين هميشہ هي صاحب کهارادر والے سے يا ايراني قونصل سے, يا خانۂ فرهنگ ايران کے عملے سے رابطہ قائم کرين.

اس خط کے وسيلے هم اپنے مومن بهائي بهنون سے درخواست کرتے هين کہ وہ اپنے بچون کي تربيت تحريکي انداز مين کرين تاکہ وہ بهترين صفات سے آراستہ هون, جيسے "فلان" کے وقت مين مالک بن نويرہ نے جرئت کے ساتهہ زکواۃ دينے سے انکار کيا, جيسے "فلان, فلان" کو ختم کرنے کے لئے ابو لؤ لؤ نے همت کي. جيسے "فلان فلان" کا مالک بن اشتر نے کام تمام کيا. جيسے اهل بغداد کو سزا دينے کے لئے عظيم هلاکو خان کو دعوت حملہ ديکر وزيراعظم ابن العلقمي نے کام کر دکهايا, جيسے هلاکو خان کے وزير اعظم نصيرالدين طوسي نے سنيون کو عقلمندي سے تہہ تيغ کروايا, جيسے رشيدالدين سنان نے صلاح الدين ايوبي کو چنے چبوا ديے, جيسے قرامطہ نے ناصبي حاجيون کي بوٹيان بکهيردين. جيسے صفوي حکمرانون نے ايک عرصے تک ايران سے سني قوم کو نيست و نابود کرديا. جيسے بنگال مين مير جعفر نے سياست دکهائي, جيسے دکن مين مير صادق نے پوري سني قوم سے انتقام ليا, جيسے حسن بن صباح نے دنيا پر دهاک بٹهادي. لهذا آپ ايسے عظيم هيرو پيدا کرين. يہ سب کچهہ اس وقت هوگا جب آپ دين اماميہ مين راسخ هون گے. تبرًا, تقيہ, متعہ اور عزاداري پر سختي سے عمل پيرا هون گے.

اس کے علاوہ همين اپني عظيم روايات کي سختي سے پابندي کرني چاهيئے. بعض روايات دهيرے دهيرے ترک هورهي هين. مثلاً جب

بھي سنيون کو پاني پلائين تو اس مين تھوک ديا کرين. اس کے علاوہ جب سنيون کو کھانا کھلائين تو اس مين حضرت ابن سبا کا قارورہ ضرور چھڑک دين. اس سے آپ ديکھين گے کہ خود سنيون کي نسل سے شيعون کے محافظ پيدا ھون گے. حال ھي مين آقائے منتظري نے مقدس قارورہ شريف کے گيلن بڑي تعداد مين پاکستان بھجوائے ھين اور اب يہ ھر مرکزي امام بارگاھ سے دستياب ھوسکين گے. آخر ھمارے اسلاف نے کسي حکمت کي بناء پر يہ طريقے جاري کئے تھے. لھذا ان کي بھي سختي سے پابندي کرين.

يا علي مدد !

امير الجيوش

شيعہ امل مليشيا ۔ پاکستان

(شيعت باقي و ديگر ھمہ رافنا کردم)

مطالبہ: فقہ جعفريہ نافذ کرو ورنہ پاکستان ھوگا بيروتِ ثاني.

نوٹ: (١) چند دنون مين آپ خوشخبري سنين گے کہ عثمان کينيڈي، وصي مظھر ندوي، صلاح الدين (تکبير والا) اور ديگر لوگ اس دنيا مين نھين رھے.

(٢) لبنان اور فلسطين مين ھماري کاميابيون کي داستان شايع ھوگئي ھے، اپنے علاقے کے امام باڑے سے حاصل کرين.

(٣) سعودي عرب مين مؤمن بھائيون کي خانہ کعبہ پر قبضہ کرنے کي مھم کي ناکامي کے اسباب پر ايک تفصيلي رپورٹ بھت جلد ايران سے شايع ھوکر آنے والي ھے، اسے پڑھ کر آپ خود اندازہ لگالين گے کہ اب ايراني مؤمنين کا سعودي عرب جانا کس قدر دشوار ھوگيا ھے اور اس طرح اب يہ ذمہ داري پاکستاني مؤمن بھائيون کو اٹھاني پڑے گي. اس سلسلے مين کفن بردوش دستے تيار کئے جارھے ھين جو نومبر ١٩٨٨ع کے آخر مين تربيت کے لئے ايران بھيجے جائين گے.

شکرانہ :۔ قبلہ پروفیسر سید کرار حسین (پرنسپل اسلامک کلچرل اینڈ ریسرچ سینٹر) بلاک ٦ فیڈرل بي ایریا نزد آغا خان میٹرنٹي هوم کراچي کے هم بے حد مشکور هین کہ انکي کاوشون اور رات دن کي بهاگ دوڑ سے پاکستان مین شیعت کو بام ۔ عروج حاصل هوا هے کہ اسي بنیاد پر هماري تنظیم شیعہ امل ملیشیا پاکستان مین اپنے قدم کامیابي سے جمانے مین مصروفِ عمل هے، یہ ملت جعفریہ کے تمام بزرگون کي کوششون و قربانیون کا ثمره هے۔

## شیعا ۽ فتاويٰ دارالعلوم دیوبند

شيعن جا مختلف فرقا آهن، جن مان هر هڪ لاءِ الڳ الڳ شرعي حڪم آهن. جيڪي فرقا دين جي بنيادي ضرورتن مان ڪنهن هڪ جو انڪار ڪن ٿا مثال طور حضرت ابوبڪر جي ايمان ۽ صديق هجڻ جو انڪار ڪن ٿا يا حضرت بي بي عائشہ رضہ تي تهمت هڻن ٿا يا وري قرآن کي محرف (تبديل ٿيل) ۽ غير معتبر سمجهن ٿا تہ اهي اجماع امت جي فيصلي مطابق بلڪل ڪافر آهن. باقي جيڪي پهرين ٽن خليفن تي تبرو ڪن ٿا تہ انهن جي ڪفر ۾ اختلاف آهي. ڪي انهن کي ڪافر سمجهن ٿا ۽ ڪي نہ. فتاويٰ شاميءَ جي مصنف لکيو آهي تہ انهن کي ڪافر نہ ڪوٺيو وڃي، باقي انهن جي فاسق ۽ فاجر هجڻ ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي.

("فتاويٰ دارالعلوم ديوبند" جلد اول صفحي 140 تان ورتل)

# شيعت جي ڪهاڻي
## شيعت جي زباني (١)

### ١١٠
### ادرڪني يا علي

پيارا پائرؤ ۽ ڀينرؤ ! يا علي مدد.

"شيعت باقي و ديگر همه رافنا ڪردم"

هونءَ تہ اسان جي جدوجهد جي تاريخ چوڏهن سو سال پراڻي آهي. ڪڏهن ڪاميابين اسان جا قدم چميا تہ وري ڪڏهن عارضي ناڪامين اسان کي نئين سر ڪم ڪرڻ جو ولولو بخشيو. ڪڏهن جان جا نذرانا پيش ڪياسون. ڪڏهن سنين جا ڪنڌ ڪپي، عليءَ جي شيدائين بهادريءَ جا مثال قائم ڪيا ۽ دشمن کي سبق سيکاريو. ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ اسان هر دور ۾ اقليت (تورائي) ۾ رهيا آهيون پر پنهنجي ڪوشش جاري رکي آهي. پنجتن پاڪ جي نور، نبي اڪرم ﷺ جي برقعي مٿاڻ ڪانپوءِ اهل بيت جي دشمن (يعني سنين) پنهنجي سردار ١ (يعني صاحب الغار والمزار والجنة سيدنا حضرت ابوبڪر صديق رضہ) کي ڪرسيءَ تي ويهاريو، مگر اسان جي تحريڪ جاري رهي. اسان "زڪوات" امام جو حق سمجهندي "غاصب ١" کي زڪواة ڏيڻ کان انڪار ڪيو تہ هن اسان تي تلوار هلائي. عليءَ جي دشمن (سنين) مؤمن مٿان "غاصب ٢" (مراد فاتح عراق، ايران ۽ شام حضرت عمر فاروق رضہ) کي ڪڙو ڪيو، توڙيجو ان وقت اسان هيسجي وياسون تڏهن بہ ختم نہ ٿياسون. اسان جي سردار علي وقار حضرت بابا شير بهادر "ابو لؤلؤ" پنهنجي جان جي پرواهہ نہ ڪندي تاريخ جو سونهري ڪارنامو

(١) ترجمي ڪرڻ وقت وضاحت طلب ڳالهين کي ڏنگين ۾ لکيو ويو آهي تہ جيئن مطلب سمجهڻ ۾ سولائي ٿئي. (راشد راهي)

سرانجام ڏنو. عليءَ جي دشمنن اسان تي پنهنجو سردار ٣ (مراد ڪامل الحياء والايمان جامع القرآن حضرت عثمان ذوالنورين رضہ) مڙهيو. اسان وري حضرت عبدالله بن سبا رحہ (منافق ۽ ملعون يهودي) جي روح جي اڳواڻيءَ هيٺ سنين مان ئي اهڙا ماڻهو ڳولي هٿ ڪياسون. جيڪي نسلي مٽ پيد جا حامي هئا ۽ انهن جي ئي مدد سان حضرت امير. ڪائنات جي مالڪ موليٰ علي المرتضيٰ عليه السلام کي سندن حق ڏياريو ۽ ڦورن کي دور ڪيوسين. علي عليه السلام جي برقعي مٿانئن ڪانپوءِ عليءَ جا دشمن وري سوپارا ٿي ويا. مطلب تہ تاريخ ان ڳالهہ جي شاهد آهي تہ اسان لاءِ هر دور، آزمائش جو دور رهيو آهي.

هندستان ۾ جڏهن مغل گهراڻو احمد سرهنديءَ (مجدد الف ثاني) جو مريد ٿيو تہ مومن تاڙي ورتو تہ هن ملڪ ۾ سنين جي شريعت اچڻ واري آهي. انڪري مومن وڏي هوشياريءَ ڏاهپ سان بادشاهن، شهزادن، اميرن ۽ فوجي آفيسرن کي گهڻي سوڙهو ڪيو ۽ مٽعي شريف جي برڪت سان (بدبخت مٽعي جي نحوست سان) محلاتن ۽ امير امراء جي دلين تي قبضو ڪري ورتو سين (يعني بادشاهن، شهزادن ۽ اميرن کي عياشيءَ لاءِ پنهنجون عورتون سپلاءِ ڪيائون. توهان جن وڏن ڪهڙو چڱو ڪم ڪيو هو. جو اهو فخريہ بيان ڪريو ٿا. غيرت بہ تہ ڪا شيءِ ٿيندي آهي) ۽ دشمن جي چال کي گهڻي حد تائين ناڪام بنايوسون (يعني شيعن، شريعت محمديءَ کي نافذ ٿيڻ نہ ڏنو) ايران ۾ صفوي حڪومت قائم ڪري، دشمن کي خوب سيڪت ڏني سون. هوڏانهن صلاح الدين ايوبيءَ جي خطري کي بروقت محسوس ڪندي هڪ طرف صليبي دربار (يعني يورپ جي عيسائي بادشاهن) ڏانهن سفير موڪلياسون تہ ٻئي طرف فدائين جي ذريعي معاملي کي حل ڪيوسين (فدائي شيعن جبلن جي وچ ۾ هڪ مضبوط قلعو نهرائي ٽي چار سو سالن تائين مسلمانن کي شهيد ڪندا رهيا، حاجين جا قافلا لٽيندا رهيا ۽ بي گناهہ مسلمانن مٿان اهڙا تہ ظلم ڪيائون جو انهن کي بيان ڪرڻ

جي قلم ۾ طاقت نہ آهي ۽ ان جو فيصلو قيامت جي ڏينهن واحد القهار جي ڪورٽ ۾ ٿيندو) نابلسي سني مولوين کي نيست و نابود ڪيوسين. هندستان ۾ بنگال جي حڪمران سراج الدولہ کي سنين سان دوستي ڳنڍڻ جو مزو چکايوسين. حيدرآباد دکن جي نوابن کي سبق سيکاريوسين. مطلب تہ عليءَ جي حبدارن جي بهار، هر باغ توڙي ريگستان ۾ قسمين قسم گل اپائي دنيا کي پنهنجي خوشبوءِ سان واسيندي رهي. ڪڏهن معتزلن جي روپ ۾. ڪڏهن قرامطين جي شڪل ۾. ڪٿي عبيدالله مهدي ان باغ جو مالهي هو تہ ڪٿي وري حسن بن صباح ان گلشن جو محافظ هو.

ويهين صدي جي پهرئين اڌ ۾ متحده هندستان ۾ سر آغا خان اسان جي تحريڪ کي اوج تي رسايو. پنهنجي ذاهپ ۽ دانائيءَ سان ملڪ جي سيني سني نوابن ۽ اڪثر سني مولوين جو اڳواڻ بڻجي هڪ شيعي رياست يعني پاڪستان بنايائين. مگر مودودي وغيره کي شڪ جاڳيو نہ تہ سر آغا خان هن ملڪ جو پهريون گورنر جنرل ٿئي ها ۽ مسئلو هميشہ لاءِ حل ٿي وڃي ها. ان جو علاج اسان اهو ڪيو جو راجا صاحب محمود آباد جي دوست محمد علي جناح کي ميدان تي آندوسين ۽ آغا خان پنهنجي بنگلي تان هدايتون جاري ڪندو رهندو هو. مگر جناح صاحب عمر جي آخري حصي ۾ ڦري ويو ۽ سني بڻجي پنهنجي آخرت خراب ڪيائين. (۱)

پاڪستان ٺهڻ ڪانپوءِ راجا صاحب هن ملڪ کي مومن اسٽيٽ (شيعي رياست) بنائڻ تي زور ڏنو پر جناح اها ڳالهہ نہ مڃي، تنهنڪري ان کي بہ آهستي اثر ڪندڙ زهر ((Slow Poision)) ذياري ٺڪيٺ ونرائي سون. پوءِ ناصبي لياقت علي آيو. (ناصبيءَ جي معنيٰ آهي عليءَ جو دشمن، شيعا، سنين کي ناصبي سڏيندا آهن، جيڪو اسان تي سراسر

(۱) شيعا دوستو! قائد اعظم رحمة الله عليه سني ٿي پنهنجي آخرت سڌاري. شيعا بڻجي آخرت تہ توهان پنهنجي خراب ڪري رهيا آهيو. رڳو اکين پوڻ جي دير آهي. (مترجم)

بهتان آهي.) جيڪو مولوي شبير احمد (عثماني) جي چار ۾ قاسي ملڪ
کي سني رياست ٺاهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو تہ ان جو بہ اسان علاج
ڪيوسين. اهڙيءَ طرح اها مهم ھلندي رهي. آخر حيدر جا حبدار
اسڪندر مرزا کي حڪومت جي ڪرسيءَ تي ويهارڻ ۾ ڪامياب ٿي
ويا. مگر وري ناصبي غاصب ايوب اچي ويو. ١٩٦٥ع واري جنگ جي
موقعي تي هندستان اسان جي مدد ڪئي پر خاطر خواه ڪاميابي حاصل
نہ ٿي. بهرحال اسان ايوب جي خلاف تحريڪ هلائي مومن ياءِ آغا
محمد يحيٰ خان کي ڪرسيءَ تي ويهاريوسين. ان جي مبارڪ دور ۾
(منحوس دور ۾) آغا شاهي ۽ ٻين ڪيترن ئي عليءَ جي عاشقن تحريڪ
جي ڏاڍي خدمت ڪئي. مگر ملڪ کي "شيعہ اسٽيٽ" بنائڻ ۾ ان وقت
اها رنڊڪ هئي جو مشرقي پاڪستان ۾ ڪوئي مومن نہ هيو ۽ سني
مجيب ملڪ جو وزير اعظم ٿيڻ وارو هو تہ اسان هندستان کان مدد
گهري ۽ ان مسئلي کي هميشہ لاءِ حل ڪري ڇڏيوسين. پوءِ اسان
مسٽر ڀٽي جو تعارف حضرت مولا عليءَ جي تلوار ذريعي ڪرائي ڪيس
طاقت وٺرائي سون. ان جي دور ۾ اسان جي دين ڏاڍي ترقي ڪئي ۽
شيعہ دشمن پارٽي "جماعت اسلامي" جي ليڊرن ۽ ڪارڪنن کي
پنهنجي انجام تائين پهچايوسي. توهان اندازو ئي نٿا لڳائي سگهو تہ اڄ
جيڪڏهن ڊاڪٽر نظير زنده هجي ها تہ اسان جو الائي ڪهڙو حال ٿئي
ها. انڪري ان کي بہ (دارالبقا ڏانهن) روانو ڪرڻو پيو. ان سڄي دور ۾
توهان ڏٺو هوندو تہ اسان جو ڪوئي مومن ياءُ ڪنهن "دلائي (١)
ڪئمپ" يا ڪنهن تڪليف ۾ مبتلا نہ ٿيو. هوڏانهن وري ناصبين نو
ستارا ٺاهي شريعت جي نفاذ جو مطالبو شروع ڪري ڏنو. بس نو ستارا
ڪامياب ٿيڻ تي هئا جو آغا خان چوٿين اسان جي مدد ڪئي. هن
آمريڪا کي چئي ڪري جنرل ضياء الحق کي ڪرسيءَ تي ويهاريو ۽ ان

(١) پنجاب جي دلائي علائقي ۾ هڪ ڪئمپ هئي جنهن ۾ ڀٽو صاحب پنهنجن
مخالفن تي تشدد ڪرائيندو هو.

طريقي سان نو ستارا غائب ٿي ويا. ان عرصي دوران اسان پيهر پنهنجن پيرن تي بيهجي وياسون. اسڪولن ۾ اسان ڪورس جدا ڪرائڻ ۾ اڳيئي ڪامياب ٿي چڪا هئاسون، زڪوات جي نظام مان به جند ڇڏائي سون. اسان جون مسجدون ۽ امام بارگاهه وڏي تعداد ۾ تعمير ٿيا. اردو ادب ۾ مير انيس ۽ دبير جا مرثيا شامل ڪرايا ويا ۽ ان طرح سني شاگردن جي آهستي آهستي (شيعت طرف) ذهن سازي ڪرڻ ۾ به اسان ڪاميابي حاصل ڪئي. وڏا وڏا سني شاعر ۽ فنڪار ٿي وي ۽ ريڊيو تان امامن جا مرثيا پڙهڻ لڳا ۽ عام ماڻهن جي دلين ۾ اسان جي مذهب جي محبت پڪي ٿيڻ لڳي.

ٻئي طرف وري ايران ۾ مومن حڪومت (مسٽر خمينيءَ جي شيعي حڪومت) قائم ٿيڻ سبب اسان جا حوصلا بلند ٿي ويا. ريڊيو زاهدان تان سالن جا سال اردو پروگرام ۾ امام خمينيءَ جون تقريرون نشر ٿينديون رهيون ۽ امام خميني کليو کلايو اعلان ڪري ڇڏيو ته مصر، ترڪي، سعودي عرب ۽ پاڪستان جي حڪومت جا تختا اونڌا ڪري، اتي مومن حڪومتون قائم ڪيون وڃن. پاڪستان ۾ ايراني سفارت خاني ۽ ڪائونسل ان سلسلي ۾ اسان کي لکين ڊالر امداد طور ڏنا ۽ ان سان گڏ لٽريچر ۽ هٿيار پهنوار به مهيا ڪري ڏنا. هيئر جهاد جو وقت اچي چڪو هو. اسان محسوس ڪيوسين ته ضياءالحق. ظهورالحسن ڀوپاليءَ کي سنڌ جي گورنر مقرر ڪرڻ جي ڪوشش شروع ڪري ڏني آهي. ظاهر ڳالهه آهي ته اهڙي ڪٽر سنيءَ جي معاملي ۾ توڙي سستي ڪرڻ به نامناسب هئي. انڪري دين جي مفاد خاطر ان کي به ماڳ رسايوسين. انڪانپوءِ وري دشمن نمبر ۱ احسان الاهي ظهير کي روانو ڪيوسي.

هوڏانهن آمريڪا، ايران سان دشمني شروع ڪري ڏني، جنهن ڪري جنرل ضياءالحق به شيعن کان منهن موڙي ويو. انڪانپوءِ جنرل ضياءالحق مٿان سني مولوين جو دٻاءُ وڌندو ويو. اسان تحريڪ نفاذ

فقه جعفريہ جي اڳواڻ علامہ عارف حسين الحسيني سان (ان ڳالهہ جي)
شڪايت ڪئي سون، مگر هن جي مٿان سني ـ شيعي اتحاد جو ڀوت
سوار هو، انڪري مجبوراً ان کي الوداع ڪرڻو پيو. اهو اڻ وٹندڙ فرض
علامہ جي محافظ ضامن حسين صاحب کي ادا ڪرڻو پيو، جنهن بعد ۾
پوليس جي تشدد کان بچڻ ۽ مليشيا جي راز کي لڪائڻ خاطر آپگهات
ڪري ڇڏي.

ضياء الحق ايتمر بم ٺاهي، ايشيا جو چڱو مڙس ٿيڻ چاهي پيو ۽
ان صورت ۾ هو ايران لاء خطري جو سبب بڻجي ٿي سگهيو. انڪري
اسان اسلامي بم جا راز، دستاويزي ثبوت سميت يورپ ۽ آمريڪا
پهچايا، جنهنڪري ڪئناڊا ۽ آمريڪا ايٽمي سهڪار بند ڪري ڇڏيو.
مگر ضياء الحق چيڙهالو هو، انڪري بس ڪري نہ ويٺو بلڪ وري
ڪوشش شروع ڪري ڏنائين. اسان هندستان جي اخباري نمائندي
ڪلديپ نير کي، تحريڪ جي هڪ ساٿي مشاهد حسين جي معرفت
ائٽمي انرجي ڪميشن جي سربراهہ تائين پهچايوسون ۽ انڪل سان، ان
کان سڀ راز معلوم ڪري پڌرا ڪري ڇڏياسون. پوء نادر پرويز جي
سازش کان بہ آمريڪا کي جاڻ ڪرائي سون تہ هو ڪهڙي نموني ايٽمر
بم جو مواد گهرائي رهيو آهي. جنڪ اسان جا ڪارڪن توهان جي
تعاون ۽ دعائن سان پنهنجي مشن (مقصد) کان هڪ پلڪ بہ واندا نہ
ويٺا آهن.

امام خميني مد ظله کي جڏهن عراق واري جنگ کان واندڪائي
ملي تہ سائينجن سڀ کان پهريائين روس، هندستان ۽ اسرائيل جي مدد
سان "ماسٽر پلان" ٺاهيو ۽ اسان جي بدترين دشمن "ضياء الباطل" جو
ڪم پورو ڪيو ۽ هن سان گڏ ٻين ڪيترن ئي سني فوجي جرنيلن کي
بہ ٽڪيٽ وٺرائي ويئي. هن مهم ۾ اسانجن ڪيترن مومن ڀائرن پنهنجي
جانين جو نذرانو پيش ڪيو. چيف وارنٽ آفيسر جناب نوروز (ايراني
نسل) جيڪو ان جهاز تي سوار هيو، تنهن پنهنجي پياري جان مولا عليؑ

جي ناليءَ تي قربان ڪئي. پاڪستان ۾ مومن حڪومت قائم ٿيڻ تي هن عظيم شهيد جو هڪ يادگار قائم ڪيو ويندو. ايران مان خبر آئي آهي تہ اتي امام علي رضا جي روضي جي پرسان هن لاءِ هڪ شاندار يادگار قائم ڪرڻ جو پروگرام رٿيو ويو آهي. امام خميني پنهنجي هڪ خاص خط ۾ هن کي "لؤ لؤ ثاني" جو لقب ڏنو آهي.

ساڳيءَ طرح "اوجهڙي ڪيمپ آپريشن" جي سلسلي ۾ اسان جا ٽي ڪمانڊوز ۽ هڪ اسرائيلي ريڊيو آفيسر بہ فوت ٿي ويا. بهرحال الهن سڀني قربانين ڪانپوءِ هاڻي اسان ان پوزيشن ۾ پهچي چڪا آهيون جو سينيٽ جو قائم مقام چيئرمين جناب فضل آغا صاحب، ڪور ڪمانڊر جناب سيد ذاڪر علي زيدي صاحب، سيڪريٽري دفاع جناب سيد اجلال حيدر صاحب ۽ اهڙائي ٻيا بي شمار مومن، فوج، پوليس ۽ حڪومت جي ٻي انتظامي مشينريءَ ۾ هر سطح تي موجود آهن. بس ! هينئر رڳو توهان جي تعاون ۽ دعائن جي ضرورت آهي. هن وقت اها منزل ويجهڙي اچي چڪي آهي، جنهن لاءِ اسان پشت بپشت ڪوشش ڪندا رهيا آهيون. هاڻي هن ملڪ ۾ شهداء ڪربلا جي ياد ۾ عام موڪل ٿيندي آهي، ڪنهن سني خليفي جي ياد يا احترام ۾ ڪائي موڪل نہ ٿي ٿئي. اڄ سني اسان جي پروپيگنڊا ڪان متاثر ٿي رجب جا ڪونڊا ڪائين ٿا. توهان کي چڱيءَ طرح ڄاڻ آهي تہ ان جي اصل حقيقت ڇا آهي؟ (٢٢ ـ رجب تي ڪاتب الوحي سيدنا حضرت امير معاويہ رضي الله تعاليٰ عنه وفات ڪئي هئي، ان تاريخ تي شيعا خوشيءَ ملهائڻ لاءِ ڪونڊا ڪندا آهن) مطلب تہ سڄي ملڪ جا سني ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان شيعت ڪان متاثر آهن. اها تہ ڪاميابي جي منزلن مان پهرئين منزل آهي.

سنڌ صوبي ۾ اسان کي تمام گهڻي ڪاميابي حاصل ٿي آهي. ايم ـ ڪيو ـ ايم (M.Q.M) نامي مودودين (جماعت اسلامي)، نورانين (جمعية علماء پاڪستان) ۽ سواد اعظم جو هميشہ لاءِ منهن ڪارو

ڪري ڇڏيوسين.

لوڪل باڊيز جي چونڊن ۾ توهان پاڻ اندازو لڳايو هوندو تہ انهن ٽنهي خبيث جماعتن کي اسان، خود انهن جي سني ڪارڪنن هٿان ختم ڪرائي ڇڏيو آهي. اهو اسان جي سياسي بصيرت جو چٽو دليل آهي. توهان اسان تي مڪمل اعتماد (ڀروسو) ڪريو، ڀرپور نموني سان ايم ـ ڪيو ـ ايم ۾ شامل ٿي وڃو. هنگامن ۾ سنين کي قتل ڪريو، توڙي اهي ڪهڙي بہ جماعت جا هجن، ڪهڙي بہ صوبي جا هجن ۽ ڪهڙي بہ ٻولي ڳالهائيندڙ هجن. انهن جي گهرن ۽ ملڪيتن کي باهيون لڳايو. ان ڳالهہ جو توهان ڪو بہ فڪر نہ ڪريو، ڪنهن کي بہ مهاجر قومي موومينٽ سان مقابلي ڪرڻ جي طاقت ئي نہ ٿيندي. ان طريقي سان شيعا پائر بدنام بہ نہ ٿيندا، (ٻئي طرف) سني مالي لحاظ کان تباہ ۽ برباد بہ ٿي ويندا. هاڻي اسان پنهنجن ماتمي جلوسن ۾ انهن جي اڪابرن تي تبرّو (گار گند ڏيڻ) ڪندا آهيون، ڪنهن کي مجال نہ آهي جو اسان کي روڪي سگهي؟ مزيدار ڳالهہ اها آهي تہ خود سني نوجوان اسانجن ماتمي جلوسن جي حفاظت ڪن ٿا. ان مقصد لاءِ اسان پنهنجن پيئرن ۽ ڏيئرن کي سني نوجوانن سان متعي ڪرڻ جي ترغيب ڏني آهي (شيعو! ڏاڍا غيرتمند آهيو!) ۽ "ان عبادت عظمىٰ" (لعنت عظمىٰ) سبب ڪراچيءَ جو هر سني نوجوان ذهني طرح اسان جو غلام بڻجي چڪو آهي. (نوجوانن کي ماڪيءَ جي لار چٽائيندؤ تہ پوءِ مست ڪيئن نہ ٿيندا!) اهو ساڳيو نسخو اسانجن وڏن مغل بادشاهن تي بہ استعمال ڪيو ۽ ان ۾ اهي ڏاڍا ڪامياب ٿيا هئا. اڄ بہ اسان ساڳيءَ طرح ڪامياب آهيون ۽ اسانجن عورتن کي انجو وڏو اجر ملندو. (زنا تي تہ سزا ملندي آهي، اجر وري ڪٿان ملندو؟ ڪجهہ سياڻا ٿيو!)

من ڍڳهي خط (لکڻ) جو مول مقصد اهو آهي تہ هاڻي نا اميديءَ جا ڏينهن گذري ويا (غلط! توهان جي نا اميديءَ جا ڏينهن شروع ٿي ـاڻي ٿيا آهن. باذن الله). هينئر امام مهديءَ جو ظهور ٿيڻ وارو آهي.

سجي دنيا تي اسان شيعن جي حڪومت قائم ٿيندي. سنين کي سيڪت ملڻ واري آهي. پنهنجو حوصلو بلند رکو. ايم ـ ڪيو ـ ايم کي دل کولي چندو ڏيو. هٿيارن استعمال ڪرڻ جي سکيا وٺو. هر يونٽ ۾ پنهنجن مومن ڀائرن سان صلاح مشورو ڪريو. خاص حالتن (هنگامي حالتن) ۾ "ڪارا در واري صاحب" سان يا "ايراني" سان يا "خانئہ فرهنگ ايران" جي عملي سان رابطو قائم ڪريو.

هن خط ذريعي اسان پنهنجن مومن ڀائرن ۽ ڀينرن کي درخواست ڪريون ٿا تہ اهي پنهنجن ٻارن جي تربيت تحريڪي انداز ۾ ڪن. تہ جيئن اهي بهترين گڏن سان سينگارجي وڃن. (گهٻرايو نہ. انهن کي بہ متعي وارو نسخو استعمال ڪرايو. پاڻهي سڌري ويندا !) جيئن "فلاڻي" جي وقت ۾ مالڪ بن نويره دليريءَ سان زڪوات ڏيڻ کان انڪار ڪيو. جيئن "فلاڻي" کي ختم ڪرڻ لاءِ ابو لؤ لؤ مڙسي سيڪاري، جيئن "فلاڻي" جو مالڪ بن اشتر ڪم پورو ڪيو. جيئن بغداد جي رهاڪن کي سزا ڏيڻ لاءِ عظيم هلاڪو خان کي وزير اعظم ابن علقمي حملي جي دعوت ڏيئي وڏو ڪارنامو سر انجام ڏنو. (پنهنجي آخرت تباهہ ڪيائين) جيئن هلاڪوءَ جي وزير اعظم نصير الدين طوسيءَ، ڏاهپ سان سنين کي تلوار جو ڪاچ بنايو. جيئن رشيدالدين سنان، صلاح الدين ايوبيءَ جو نڪ ۾ دم ڪيو. جيئن قرامطين (شيعن جو هڪ ٽولو) سني حاجين کي ڳپل ڳپل ڪيو. جيئن صفوي حڪمرانن، ايران مان سنين جو ٻوٽو ئي پٽي ڇڏيو. جيئن بنگال ۾ مير جعفر سياست ڏيکاري. جيئن دکن ۾ صادق سنين کي تباهہ ۽ برباد ڪيو. جيئن حسن بن صباح دنيا تي پنهنجو ڌاڪو ويهاريو. تنهنڪري توهان بہ اهڙا عظيم هيرا پيدا ڪريو. اهو سڀ ڪجهہ ان وقت ٿيندو، جڏهن توهان شيعت جي رنگ ۾ چڱيءَ طرح رنگيل هوندؤ. "تبرو" "تقيو" "متعو" ۽ "ماتم" تي تمام سختيءَ سان عمل ڪندا رهو. (متعي واري نسخي کي ڪجهہ سرس استعمال ڪجو !)

● ڪائونسل خاني

ان ڪانسواءِ اسان ڪي پنهنجن عظيم روايتن جي سختيءَ سان پابندي ڪرڻ گهرجي. ڪي روايتون آهستي آهستي ڇڏجي رهيون آهن. مثال طور، جڏهن سنين ڪي پاڻي پياريو تہ ان ۾ ٿڪ ضرور ملائيندا ڪريو. (بلي) ان ڪان علاوه جڏهن سنين کي ڪاڌو کارايو تہ ان ۾ "حضرت ابن سباجو قاروره" (ناپاڪ ۽ پليت قسم جي هڪ پاڻياٺ) جا ڇنڊا ضرور هڻندا ڪريو (سنيؤ ! خيال ڪريو. آئنده انهن جي کاڌي شيء نہ واپرايو) ايئن ڪرڻ سان توهان ڏسندؤ تہ ٿورڙي وقت ۾، خود سنين جي نسل مان ئي، شيعن جا همدرد. هڏ ڏوڪي ۽ محافظ پيدا ٿيندا. تازو آقا منتظري "قاروره حضرت ابن سبا" جا هزارين گيالن پاڪستان موڪليا آهن ۽ اهي هر مرڪزي امام بارگاهہ تان ملي سگهن ٿا. آخر اسانجن وڏن ڪنهن حڪمت سبب اهي طريقا جاري ڪيا هئا. انڪري انهن ڳالهين جي سختيءَ سان پابندي ڪندا ڪريو.

يا علي مدد !

اميرالجيوش

شيعہ امل مليشيا ـ پاڪستان

"شيعت باقي و ديگر همه را فنا ڪردم"

(شيعہ امل مليشيا جو نعرو)

مطالبو:- فقہ جعفري نافذ ڪريو.

نہ تہ پاڪستان، بيروت ٺاني بڻبو.

نوٽ (١) ڪجهہ ڏينهن ۾ توهان خوشخبري ٻڌندؤ تہ عثمان ڪنيدي، وصي مظهر ندوي، صلاح الدين (تڪبير رسالي وارو) ۽ ڪجهہ ٻيا ماڻهو هن دنيا ۾ نہ رهندا.

(٢) لبنان ۽ فلسطين ۾ اسان جي ڪاميابيءَ جو احوال شايع ٿي چڪو آهي، پنهنجي علائقي جي امام بارگاه مان حاصل ڪريو.

(٣) سعودي عرب ۾ مومن ٻائرن جي ڪعبة الله تي قبضي ڪرڻ واري مهم جي ناڪاميءَ جي سببن تي هڪ تفصيلي رپورٽ. تمام جلد ايران مان شايع ٿي اچڻ واري آهي. ان کي پڙهي توهان پاڻ اندازو لڳائي

سگهندڙ تہ هيئر ايراني مومن جو سعودي وڃڻ ڪيترو نہ ڏکيو ٿي پيو آهي ۽ هاڻي اها ذميواري پاڪستاني مومن ڀائرن کي ڪڻڻي پوندي. ان ڪم لاءِ ڪفن پوش دستا تيار ٿي رهيا آهن، جيڪي نومبر ١٩٨٨ع جي آخر ۾ تربيت لاءِ ايران موڪليا ويندا.

شڪريو:- قبلہ پروفيسر سيد ڪرار حسين (پرنسيپال اسلامڪ ائنڊ ريسرچ سينٽر) بلاڪ ٦ فيڊرل بي ايريا نزديڪ آغا خان ميٽرنٽي هوم ڪراچي، جا اسان بيحد شڪر گذار آهيون، جنهن جي ڪوشش ۽ ڏينهن رات جي ڊڪ ڊوڙ سبب شيعت کي پاڪستان ۾ تمام گهڻي ترقي حاصل ٿي آهي. ان آڌار تي اسان جي تنظيم "شيعہ امل مليشيا" پاڪستان ۾ پنهنجا قدم ڪاميابيءَ سان مضبوط ڪرڻ ۾ مشغول آهي. اهو ملت جعفريہ جي سيني بزرگن جي ڪوشش ۽ قربانين جو ڦل آهي.

تبصرو:-

هن خط جي مطالعي ڪرڻ ڪانپوءِ ائين پيو محسوس ٿئي تہ هن خط جون ڪي ڳالهيون حقيقت ڪان پري ۽ ڊاڙ تي مبني آهن، جن جو مقصد شيعہ امل مليشيا پاڪستان جي جنگجو نوجوانن جو حوصلو بلند ڪرڻ ۽ همٿائڻ هجي، تاهم هن خط جو اڪثر حصو درست معلوم ٿئي ٿو، ڇو تہ تاريخ جا ورق شيعن جي اسلام دشمني ۽ تخريبي ڪارروائين سان ڀريا پيا آهن. اسلامي سلطنتن کي نقصان رسائڻ ۽ ڪافرن سان سازشون سٽي مسلمانن کي قتل ڪرڻ ۽ ايذائڻ شيعن جو دل پسند ۽ محبوب مشغلو رهيو آهي. جيڪڏهن اسلام ۽ مسلمانن کي اهو ڇيهو نہ رسائن ها تہ هن وقت دنيا جو نقشو ئي ٻيو هجي ها، جنهن بہ ماڻهوءَ کي منهنجي ان ڳالهہ ۾ شڪ نظر اچي تہ اهو تاريخ جي ڪتابن ڏانهن رجوع ڪري سگهي ٿو. (مترجم)

نوٽ: هن خط جو عڪس ۽ انگريزي ترجمو، ڪتاب جي آخر ۾ ڏسندا.

(مترجم)

مفتي محمد يوسف لڏيانوي

# شيعت ۽ اسلام

ان ڳالھ جي ھر مسلمان کي ڄاڻ آھي تہ حضور اڪرم ﷺ ۽ ٻھرين ٻن خليفن (حضرت ابوبڪر صديق ۽ حضرت عمر فاروق رضي الله تعاليٰ عنھما) جي برڪت ڀرئي دور ۾ امت اندر ڪوبہ نظرياتي اختلاف نہ ھو ۽ نہ وري ھئي ڪنھن قسم جو ڪو انتشار ھو بلڪ امت محمدي ڪفر جي مقابلي ۾ متحد ۽ متفق ھئي. نظرياتي اختلاف جي شروعات پھريون دفعو حضرت عثمان غني رضي الله تعاليٰ عنه جي خلافت جي آخري دور ۾ ٿي ۽ ان کي ئي شيعي مذھب جي ٿھڻ جي شروعات سمجھڻ گھرجي. منڍ ۾ ان نظرياتي اختلاف جو بنياد تمام سادو ھو. يعني حضرت علي ڪرم الله وجه جيئن تہ خدا جي آخري رسول حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جو ويجھو عزيز ۽ مائٽ آھي. انڪري حضرت علي رضہ ئي سائينجن جي خلافت ۽ جانشيني جو وڌيڪ مستحق ۽ حقدار آھي. اھو نظريو ظاھري طرح سادي ۽ دلڪش (وڻندڙ) ھئڻ جي باوجود اسلامي اصولن ۽ پيغمبر پاڪ ﷺ جي ٽيويھن سالن واري تعليم جي سراسر خلاف ھو. ڇو تہ اسلام نسلي ويڇن ۽ خانداني غرور جي سڀني بتن کي ختم ڪري عزت. شرافت ۽ بزرگيءَ جو مدار "تقويٰ" (پرھيزگاري) تي رکيو ھو. ۽ "تقويٰ" جي وصف ۾ جيئن تہ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه. اصحاب ڪرام رضوان الله عليھم اجمعين جي سموري جماعت ۾ سڀ کان وڌيڪ مٿاھون ۽ بلند ھو (اھوئي سبب آھي جو قرآن شريف جي سورت "والليل" ۾ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه کي "الاتقيٰ" يعني سڀ کان وڌيڪ متقي

بيان ڪيو ويو آهي. قرآن شريف جا الفاظ هن طرح آهن: ”وَسَيُجَنَّبُهَا الْاَتْقَى٭ الَّذِيْ يُؤْتِيْ مَالَهٗ يَتَزَكّٰى٭“ انڪري حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعالي عنه خدا جي آخري رسول ﷺ جي جانشينيءَ جو سڀ کان وڌيڪ حقدار هو. ڪوفي جي جامع مسجد ۾ حضرت علي ڪرم الله وجه کان (جڏهن هو منبر تي ويهي واعظ ڪري رهيو هو) اهو سوال پڇيو ويو تہ توهان حضرت ابوبڪر رضہ کي حضور اڪرم ﷺ جن کانپوءِ خليفو ڇو بنايو؟ حضرت علي رضہ جواب ۾ فرمايو تہ دين جي ڪمن ۾ سڀ کان وڌيڪ اهم ڪم نماز آهي، حضور سائينجن پنهنجي حياتي جي پوين ڏينهن ۾ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه کي ئي اسانجي ”نماز جو امام“ بنايو هو. جڏهن تہ مان اتي موجود هيس ۽ پيغمبر پاڪ ﷺ کي منهنجي موجود هجڻ جي ڄاڻ بہ هئي مگر حضور ﷺ جن ان ڪم لاءِ مون کي ياد نہ ڪيو بلڪ حضرت ابوبڪر رضہ کي حڪم ڏنو تہ ماڻهن کي نماز پڙهاءِ. تنهنڪري حضور اڪرم ﷺ جنهن شخص کي اسان جي دين جي امامت لاءِ مقرر فرمايو. اسان ان کي دنيا جي اڳواڻي ۽ رهبريءَ لاءِ چونڊيو سين.

مطلب تہ اهو غلط بنياد جنهن تي شيعن جي نظرين جي عمارت اڏي وئي، انهن عقيدن ۽ نظرين جا سڀ کان پهريان ايجاد ڪندڙ (بنياد وجهندڙ) هئا يهودي نسل جا منافق (عبدالله بن سبا ۽ سندس ساٿي) جيڪي اسلامي فتحن جي ڪثرت ڏسي ساڙ ۽ سوز ۾ سڙي رهيا هئا. انهن کي اسلامي فتحن جي وڌندڙ رفتار کي روڪڻ لاءِ ان کانسواءِ ٻيو ڪو رستو نظر نہ آيو تہ غلط ۽ زهريلن نظرين جو ٻج ڇٽي اسلامي امت جي اتفاق ۽ اتحاد کي ٽڪرا ٽڪرا ڪيو وڃي. جڏهن مسلمان هڪ ٻئي سان جنڊا پٽ ۾ رڌل هوندا تہ انهن ۾ ڪفر سان مقابلي ڪرڻ جي طاقت ئي نہ رهندي. تنهنڪري انهن ”حب علي“ واري ڪيپسول ۾ ٻڙا ۽ گندا عقيدا ڀري، نظرياتي اختلافن وارو هڏروجن بم اسلام جي

مرڪز مٿان اڇلائڻ چاهيو. جيڪڏهن اسلام، خدا جو آخري دين نہ هجي ها ۽ الله تعاليٰ قيامت تائين انجي حفاظت جو واعدو نہ ڪيو هجي ها تہ ممڪن هو تہ اسلامي قلعو ان بہ جي ڌماڪي سان اڏامي وڃي ها. ۽ جهڙيءَ طرح سينٽ پال يهوديءَ، حضرت عيسيٰ عليه السلام جي دين کي بدلائي ڇڏيو هو. ساڳيءَ طرح يهودي سازش اسلام جي شڪل کي بدلائڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي ها. مگر خدا جا لک شڪر آهن جو اصحاب ڪرام تابعين ۽ خود حضرت علي ڪرم الله وجه سختيءَ سان ان فتني کي روڪيو. نتيجو اهو نڪتو جو شيعن جا عقيدا ۽ نظريا ۽ عقيدا "تقيہ" (١) جي چادر ۾ منهن لڪائي ويهي رهيا.

اڳتي هلي شيعن ۾ ڪيترائي فرقا پيدا ٿيا. جن جو تفصيل حضرت پيران پير سيد عبدالقادر جيلاني رحہ جي ڪتاب "غنية الطالبين" ۽ شاهہ عبدالعزيز محدث دهلوي جي ڪتاب "تحفہ اثنا عشريہ" ۾ ڏسي سگهجي ٿو. انهن مان ئي هڪ فرقو "امامي شيعا" يا "اثنا عشري شيعا" جي نالي سان سڏجي ٿو ۽ اهوئي فرقو اڄ ڪله عام طرح "شيعو" سڏجي ٿو. جيڪڏهن انهن جي عقيدن جو تفصيلي بيان ڪبو تہ گهڻي ڊيگهہ ٿي ويندي، تنهنڪري مختصر طرح انهن جا ڪجهہ اصول هيٺ بيان ڪجن ٿا:-

## (١) امامت جو نظريو

شيعي مذهب جي اصل پيڙهہ ۽ بڻ بنياد آهي "امامت جو نظريو" ان نظرئي جو مطلب اهو آهي تہ جهڙيءَ طرح الله تعاليٰ جي طرفان نبي سڳورا مقرر ڪيا ويندا هئا، ساڳيءَ طرح حضور اڪرم ﷺ جن کان

(١) تقيہ جي لفظي معنيٰ آهي لڪائڻ. اصطلاحي (2) معنيٰ ۾ هي شيعن جو هڪ عقيدو آهي، جنهن ۾ هو پنهنجا غلط ۽ بي بنياد عقيدا مسلمانن کان لڪائيندا آهن ۽ اهو انهن وٽ وڏي ثواب جو ڪم آهي.

پوء امامن کي بہ الله تعالیٰ جي طرفان موڪليو ويندو. اهي امام شيعن جي عقيدي مطابق نبين وانگر هر غلطي ۽ گناهہ کان پاڪ ۽ معصوم هوندا آهن. انهن تي وحي نازل ٿيندي آهي. انهن جي اطاعت ۽ فرمانبرداري نبين وانگر فرض ۽ ضروري هوندي آهي. اهي نبين وانگر شريعت جا حڪم جاري ڪندا آهن ۽ سڀ کان وڌيڪ اهم ڳالهہ اها تہ اهي قرآن پاڪ جي جنهن حڪم کي چاهين تہ ان کي منسوخ ۽ رد ڪرڻ (Cancell) ۽ معطل (روڪي ڇڏي Omit) ڪري سگهن ٿا. ان جو اهو مطلب ٿيو تہ اسلامي عقيده مطابق جيڪو مطلب، جيڪا حيثيت يا جيڪو رتبو هڪ مستقل صاحب شريعت نبيءَ کي حاصل آهي، بلڪل اهڙوئي منصب، اهڙي ئي حيثيت ۽ اهڙوئي مرتبو شيعن وٽ "امام معصوم" جو آهي.

"شيعن جو اهو "امامت وارو نظريو" حضور اڪرم ﷺ جي "ختم نبوت" (ختم نبوت جو اهو مطلب آهي تہ حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ خدا جو آخري نبي آهي ۽ سندس نبوت قيامت تائين آهي ۽ انڪانپوءِ ٻيو ڪوبہ نبي نہ ايندو) جي خلاف هڪ سازش ۽ اسلام جي ابدي پيغام خلاف هڪ ظاهر ظهور ۽ پڌري بغاوت آهي. اهوئي سبب آهي جو قديم دور کان وٺي ويندي مرزا غلام احمد قاديانيءَ تائين جن ماڻهن بہ نبوت ۽ رسالت جي ڪوڙي دعويٰ ڪئي آهي، انهن پنهنجي دعويٰ جو مسالو شيعن جي "امامت واري نظرئي" تان حاصل ڪيو آهي.

شيعي مذهب جو "امامت وارو نظريو" فطري طرح غلط هو. اهوئي سبب آهي جو شيعو مذهب بہ ان جو بار گهڻي وقت تائين نہ کڻي سگهيو بلڪ ان مذهب "امامت جو اهو سلسلو" ٻارهين امام تي ختم ڪري ان کي سن ٢٦٠هہ ۾ ڪنهن نامعلوم غار (سامرا يا سرمن رائي، عراق) ۾ هميشہ لاءِ غائب ڪري ڇڏيو. هن وقت تائين ساڍا يارهن سو سال گذري چڪا آهن. مگر ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي ڪا خبر نہ آهي تہ

"ٻارهون امام" ڪٿي آهي ۽ ڪهڙي حال ۾ آهي؟

مان شيعن جي "امامت واري نظرئي" تي جيترو به غور ڪريان ٿو. منهنجي يقين ۾ اوتروئي واڌارو ٿئي ٿو ته اهو عقيدو يهودين حضور اڪرم ﷺ جي "ختم نبوت" تي ڪاپاري ڌڪ هڻڻ ۽ امت ۾ نبوت جي ڪوڙن دعويدارن جي نبوت ۽ امامت واري دعويٰ لاءِ چور دروازي کولڻ لاءِ گهڙيو هو. توهان ٿورڙو ويچار ته ڪريو نه. حضرت عيسيٰ عليه السلام کان وٺي حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن تائين ڇهه سو سالن جو ڊگهو عرصو گذري ٿو مگر الله تعاليٰ طرفان ڪوئي هادي (ماڻهن کي سنئون رستو ڏيکاريندڙ) مقرر نٿو ڪيو وڃي مگر جڏهن ختم نبوت جو آفتاب (يعني پيغمبر پاڪ حضرت محمد ﷺ) قيامت تائين سڄي دنيا کي روشن ۽ منور ڪرڻ بعد رخصت ٿئي ٿو ته شيعن جي عقيدي مطابق خدا تعاليٰ هڪ ڏينهن ته ڇا هڪ گهڙي جي به وٿي نٿو ڇڏي بلڪ يڪدم هڪ امام معصوم کي مقرر ڪري شريعت محمدي جي حلال ۽ حرام کي بدلائڻ ۽ قرآن ڪريم کي منسوخ ۽ معطل ڪرڻ جا اختيار ڏئي ٿو! وري هڪ نه پر لڳاتار "ٻارهن امام" انهيءَ شان ۽ شوڪت وارا موڪليندو رهي ٿو. جڏهن اسلام تي اڍائي سو سالن جو شاندار عرصو گذري وڃي ٿو تڏهن الله تعاليٰ اوچتو ئي اوچتو "امامن" وارو سلسلو بند ڪري ٿو بلڪ ٻارهون امام جيڪو مقرر ٿي چڪو هو. ان کي به ٻن سالن جي عمر ۾ هميشه لاءِ غائب ڪري ڇڏي ٿو. ڇا اهو ماڻهو جيڪو حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جي رسالت ۽ نبوت تي يقين رکندو هجي، جنهن وٽ اسلام ميٽجڻ، بدلجڻ ۽ ختم ٿيڻ لاءِ نه پر قيامت تائين پنهنجي اصلي حالت ۾ قائم رهڻ ۽ اوج حاصل ڪرڻ لاءِ آيو هجي، اهو شيعن جي "امامت واري نظرئي" کي هڪ گهڙيءَ لاءِ به قبول ڪري سگهي ٿو؟ (بلڪل نه! هرگز نه!! مرتب)

شيعي مذهب وارا جن بزرگن کي "امام معصوم" سڏين ٿا. انهن

نہ ڪڏھن "امامت" جي دعويٰ ڪئي ۽ نہ وري ماڻھن کي پنھنجي اطاعت جي دعوت ڏني بلڪ اھي تہ سڀ جا سڀ اھل سنت جا رھنما ۽ مسلمانن جا رھبر ھئا. انھن جو دين ۽ مذھب، انھن جي ھلت چلت ۽ عبادت و رياضت ڪڏھن بہ شيعن جي اصولن ۽ قاعدن مطابق نہ ھئي. بلڪ اھي سڀ اصحاب ڪرام ۽ تابعين عظام جي طريقي تي ھلندڙ ھئا. ۽ انھن جو اھوئي دين ھو جيڪو حضور اڪرم ﷺ جن ڇڏي ويا ھئا. ۽ جنھن تي سڄي دنيا جا مسلمان عمل ڪندڙ ھئا ۽ اھي ٻلارا بہ سڄي دنيا جي آڏو ان تي عمل ڪندڙ ھئا. ٻئي طرف وري شيعن جو مذھب اسان کي ٻڌائي ٿو تہ اندرئين خاني انھن جا عقيدا ڪجھہ ٻيا ھئا مگر "تقيي" سبب اھي عام مسلمانن وانگر عمل ڪندڙ ھئا. ان جو اھو مطلب ٿيو تہ الله تعاليٰ "امام معصوم" بنائي موڪليو بہ اھڙن ماڻھن کي جيڪي دنيا کي ڪا ھدايت نہ ڏيئي سگھيا بلڪ ساري ڄمار تقيي واري پوشاڪ ۾ لڪل رھيا. ۽ ٻارھون امام تہ اھڙو گم ٿي ويو جو اڄ تائين ان جو ڪٿي نالو نشان بہ نٿو ملي! ان مان معلوم ٿيو تہ شيعن جو امامت وارو نظريو نہ رڳو حضور اڪرم ﷺ جي رسالت ۽ نبوت کي ڌڪ رسائي ٿو بلڪ اھو سراسر عقل جي بہ خلاف آھي. اھا الله تعاليٰ جي تعليم نہ پر ڪنھن دماغ جي ايجاد آھي.

## (٢) اصحاب ڪرام سان دشمني وارو عقيدو

شيعن جو ٻيو سڀ کان وڏو اصول يا عقيدو اصحاب ڪرام سان دشمني ۽ عداوت آھي. شيعن جي خيال مطابق حضور انور ﷺ جي رحلت کان پوءِ سمورا اصحابي، جن بہ حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي ھٿ تي بيعت ڪئي ھئي (جن ۾ خود حضرت علي رضہ بہ شامل آھي) اھي نعوذ بالله ان ڪم جي ڪري سڀ جا سڀ ڪافر ۽ مرتد ٿي ويا ھئا. جو تہ انھن "امام معصوم" يعني حضرت علي ڪرم الله وجہ جي ھٿ

تي بيعت نہ ڪئي هئي. جيئن تہ ٽنهي خليفن جي زماني ۾ حضرت علي رضي الله تعاليٰ عنه پڻ مسلمانن کي پنهنجي بيعت جي دعوت نہ ڏني هئي بلڪ خود ٽنهي خليفن جي هٿ تي بيعت ڪئي هئي ان ڪري شيعا حضرت علي رضہ کان بہ ناراض آهن. شيعن جو اهو نظريو جيتريقدر باطل ۽ غلط آهي، ان تي ڪنهن تبصري ڪرڻ جي ڪا ضرورت نہ آهي. ان عقيدي جو اهو مطلب آهي تہ حضرت محمد مصطفيٰ احمد مجتبيٰ ﷺ جو هن دنيا ۾ اچڻ بلڪل اجايو، بي ڪار ۽ بي فائدو ثابت ٿيو. اسلام جي دعويٰ اها آهي تہ هو (يعني اسلام) قيامت تائين انسان ذات جي رهنمائي لاءِ آيو آهي، مگر شيعن جو عقيدو اهو ٿو چوي تہ اها ڳالهہ بلڪل غلط، اسلام تہ حضور اڪرم ﷺ کان پوءِ هڪ ڏينهن لاءِ بہ وڌيڪ نہ هلي سگهيو بلڪ اها سچي جي سچي جماعت جيڪا پيغمبر پاڪ (ﷺ) جن ٽيويهن سالن جي لڳاتار محنت ڪانپوءِ تيار ڪئي هئي ۽ جنهن کي پنهنجي ۽ آئنده ايندڙ امت جي وچ ۾ واسطو (ذريعو) بنايو هو، اها حضور انور ﷺ جي وفات واري ڏينهن ئي نعوذ بالله مرتد ٿي وئي هئي. ان مان ظاهر ٿئي ٿو تہ شيعن جو مذهب اسلام جي انڪار جو نالو آهي. يعني جيڪڏهن شيعن جو عقيدو صحيح آهي تہ پوءِ اسلام معاذ الله غلط آهي ۽ جيڪڏهن اسلام سچو آهي تہ پوءِ شيعي مذهب جي غلط ۽ باطل هجڻ ۾ ڪنهن عقلمند کي شڪ نہ ڪرڻ گهرجي.

شيعي مذهب وارن حضور اڪرم ﷺ جي ساٿين (اصحاب ڪرام) ۽ جانشينن (حضرات خلفاءِ راشدين) تي حملو ڪري خود اسلام ۽ پيغمبر پاڪ ﷺ جي ذات اقدس تي اهڙو وار ڪيو آهي، جنهن جو مثال پيش ڪرڻ کان انساني تاريخ قاصر آهي. "تفسير مظهري" جي شارح پنهنجي تفسير ۾ حضرت امام ابوحنيفہ رحہ جي استاد امام شعبي رحہ جو قول نقل ڪيو آهي تہ جيڪڏهن يهودين کان پڇيو وڃي تہ توهان جي امت ۾ سڀ کان وڌيڪ ڀلا ماڻهو ڪير ٿي گذريا آهن تہ اهي

يڪدم چوندا ”حضرت موسيٰ عليه السلام جا ساٿي ۽ ان جا اصحابي“ ۽ جيڪڏهن عيسائين کان پڇا ڪريو تہ توهان جي جماعت ۾ سڀ کان وڏيڪ بزرگ ڪير آهن تہ اهي جهٽ پٽ ٻڌائيندا تہ ”حضرت عيسيٰ عليه السلام جا حواري“ پر جيڪڏهن شيعن کان سوال ڪيو وڃي تہ امت محمدي ۾ بدترين مخلوق ڪهڙي آهي؟ تہ انهن جو جواب هوندو ”محمد (ﷺ) جا اصحابي“ نعوذ بالله ـ استغفرالله.

بحرحال شيعن جو ”امامت وارو نظريو“ جيڪڏهن حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جي ”ختم نبوت“ خلاف هڪ بغاوت هئي تہ انهن جو ”تبري وارو نظريو“ (يعني اصحاب ڪرام سان دشمني، مخالفت، عداوت ۽ بيزاري وارو اصول) خود حضور اڪرم ﷺ جي نبوت خلاف هڪ کليل بغاوت آهي. جيڪو ماڻهو حضور سائينجن جي نبوت تي يقين رکندڙ هجي، اهو اها ڳالهہ ڪڏهن بہ قبول نہ ڪندو تہ پيغمبر پاڪ حضرت محمد ﷺ جي سڄي تيار ڪيل جماعت مٺي مرسل ﷺ جي اکين بند ڪرڻ سان ئي نعوذ بالله گمراهہ ۽ مرتد ٿي ويئي هئي.

## (٣) تحريفِ قرآن وارو عقيدو

شيعن جو ٽيون عقيدو جيڪو پهرين ٻن عقيدن کان وڌيڪ خراب ۽ خطرناڪ آهي ”تحريف قرآن“ وارو عقيدو. مسلمان تہ نهيو پر ڪنهن ڪٽي ڪافر کي بہ اڄ تائين ان چوڻ جي جرئت نہ ٿي آهي تہ مسلمانن وٽ ”قرآن مجيد“ جي نالي سان جيڪو پاڪ ڪتاب محفوظ حالت ۾ هلندو ٿو اچي ۽ جنهن جا هردور ۾ هزارين نہ پر لکين حافظ موجود رهندا آيا آهن، اهو ساڳيو يعني اصلي ڪتاب نہ آهي جيڪو مسلمانن کي رسول الله ﷺ ڏنو هو— مگر شاباس آهي شيعي مذهب جي باني ۽ ناهيندڙن کي جو انهن اهو عقيدو بہ پنهنجن شيعن کان ميرائي ورتو. شيعن جو مذهب ٻڌائي ٿو تہ قرآن شريف جيڪو موجوده صورت

۾ مسلمانن وٽ آهي اهو اصلي قرآن نہ آهي جيڪو حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ کي الله تعاليٰ وحي جبرئيل جي ذريعي ڏنو هو بلڪ اهو "عثماني صحيفو" آهي ـــ "اصلي تہ وڏا قرآن" ٻارهين امام وٽ ڪنهن نامعلوم غار ۾ دفن آهي. شيعن جو اهو اهڙو عقيدو آهي جو ٻن ٽن ڪي ڇڏي ڪري، باقي انهن جا سڀ امام، مجتهد ۽ مولوي ان ڳالهہ ڪي مڃيندا آيا آهن ۽ سندن ڪتابن ۾ انهن جي "معصوم امامن" جون ٻن هزارن کان وڌيڪ روايتون ان تي متفق آهن. ۽ هجڻ بہ ايئن ئي گهربو هو ڇو تہ جڏهن شيعن جي چوڻ مطابق حضور اڪرم ﷺ جي وصال بعد معاذ الله سڀ اصحابي مرتد ٿي ويا هئا تہ انهن جي ذريعي حاصل ٿيل قرآن ڪريم تي ايمان ڪيئن رکي سگهجي ٿو؟ اهوئي سبب آهي جو، جن ٻن چئن شيعي مذهب جي عالمن اهو چيو تہ قرآن شريف صحيح سلامت هلندو ٿو اچي، انهن کي سڀ کان پهريائين اصحاب ڪرام جي عظمت ۽ بزرگي تي ايمان آڻو پيو. مطلب تہ شيعي مذهب جي سچائيءَ تي ايمان رکندي ڪوئي ماڻهو "قرآن" تي ايمان آڻي ئي نہ سگهندو ـــ ۽ نہ وري ڪنهن شيعي جو قرآن مجيد تي ايمان آڻڻ ممڪن آهي!

شيعن جا عقيدا ۽ نظريا ٻيا بہ ڪافي آهن مگر هتي انهن مان رڳو ٽي اهم اصول بيان ڪيا ويا. صرف انهن ڄاڻايل ٽن عقيدن تي غور ڪري ڏسي سگهجي ٿو تہ شيعي مذهب کي اسلام سان ڪهڙي ۽ ڪيتري نسبت آهي؟

شيعي مذهب جي تاريخ تي تمام گهڻي غور ۽ فڪر ڪرڻ کان پوءِ مان ان نتيجي تي پهتو آهيان تہ شيعو مذهب پهريون مذهب آهي جيڪو امت محمدي ۾ تفريق وجهڻ ۽ ڪين گمراهہ ڪرڻ لاءِ شيطان ملعون پنهنجي يهودي ايجنٽن ذريعي ايجاد ڪرايو هو.

شيعي مذهب سيدالمرسلين ﷺ جن جي وفات واري پهرئين ئي ڏينهن

ڪانوڻي امت جو تعلق ان جي مقدس نبي (حضرت محمد مصطفيٰ احمد مجتبيٰ ﷺ) سان ڪٽڻ گهريو. ان مذهب اسلام جي سائي ۽ سرسبز وڻ کي پاڙ کان ڪوڻي ٻاهر ڦٽي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ اسلام جي مقابلي ۾ هڪ نئون دين (جنهن جو ڪوبه اصول اسلام سان تعلق نٿو رکي ۽ سندس هر ڳالهه اسلام جي مخالف آهي) گهڙيو. سمورن مسلمانن کي ان ڳالهه جي چڱيءَ طرح ڄاڻ آهي ته شيعو مذهب اسلام جي ڪلمي تي راضي نه آهي بلڪ ان ۾ "عليٌ ولي الله" "وصي رسول الله" "و خليفة بلا فصل" جي پيوند ڪاري ڪري ٿو. توهان سوچو ته سهي، جڏهن اسلام جو ڪلمون ۽ قرآن به شيعن وٽ قابلِ قبول نه آهي ته پوءِ باقي ڪهڙي ڳالهه جي ڪسر رهجي وڃي ٿي؟ ۽ اها سڄي نحوست (چنڊائپ، بدبختي) نتيجو آهي، اصحاب ڪرام رضوان الله عليهم اجمعين سان بغض ۽ دشمنيءَ جو، جنهن کان هر مسلمان کي الله جي پناهه وٺڻ گهرجي.

اصحاب ڪرام "وحي الهي" جا سڀ کان پهريان مخاطب آهن. سندن سيرت حضور انور ﷺ جي سيرت جو هڪ حصو آهي. انهن جا اخلاق، عادتون ۽ ڪردار پيغمبر پاڪ ﷺ جي نبوت جو دليل آهن. ۽ اهي پلارا ايندڙ سڄي امت (يعني قيامت تائين جيڪي مسلمان هوندا) جا سردار، معلم ۽ مرشد آهن. حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ "دين اسلام" جي امانت انهن جي حوالي ڪري هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويا. ۽ بعد ۾ اچڻ واري امت کي جيڪي ڪجهه مليو انهن ئي بزرگن جي محابي ۽ انهن جي جتين جي صدقي مليو. انڪري اصحاب ڪرام سان محبت حقيقت ۾ نبي اڪرم ﷺ سان محبت آهي، ڇاڪاڻ ته اها محبت حضور سائينجن سان سندن نسبت سبب آهي ۽ اصحاب ڪرام سان دشمني حقيقت ۾ پيغمبر پاڪ ﷺ سان دشمني آهي. اصحابي سڳورن سان محبت ايمان جو حصو آهي ۽ سندن شان ۾ گستاخي نه فقط احسان

فراموشي آهي بلڪ ايمان جي سلب ٿيڻ (ڪسجي وڃڻ) جو سبب پڻ آهي. انڪري منهنجو عقيدو اهل سنت مطابق اهو آهي ته حضور انور ﷺ جي اولاد ۽ اصحاب ڪرام ٻنهي جي پيرن جي خاڪ ڪي سعادت جو سبب ۽ برڪت جو ذريعو سمجهڻ گهرجي. جنهن ماڻهوءَ جو سرورِ ڪائنات ﷺ سان ٿورڙو به تعلق هوندو، اهو پيغمبر پاڪ سان نسبت رکندڙ هر شيءِ کي پيارو گهرندو. اهي اصحاب ڪرام ته تمام وڏي عزت ۽ مان مرتبي جا حقدار آهن، ڇو ته اهي ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ کانپوءِ سندن جانشين ٿيا ۽ اسان کي انهن جي قربانين جي طفيلي ايمان جي دولت نصيب ٿي. انڪري جهڙيءَ طرح حضرت علي ڪرم الله وجه جي حمايت ۾ حضرت عثمان غني رضي الله تعالىٰ عنه جي ذات کي تنقيد جو نشانو بنائيندڙ مون وٽ گمراهه آهن، ساڳيءَ طرح مان انهن ماڻهن کي به ظاهر ظهور گمراهه سمجهان ٿو جيڪي حضرت علي سائينءَ جي شان ۾ ڪنهن به قسم جي گستاخي ڪن ٿا. يا وري يزيد جي حمايت ۾ حضرت حسين رضي الله تعالىٰ عنه جي باري ۾ ڪابه بڪواس ڪن ٿا. مان سمورن اهل بيت ڀلارن ۽ اصحاب سڳورن جي محبت ۽ عظمت کي ايمان جو حصو سمجهان ٿو. ۽ انهن مان ڪنهن به هڪ بزرگ جي شان ۾ بي ادبي ۽ گستاخي پوءِ اها ظاهر ظهور يا اشاري ۽ ڪنايي جي صورت ۾ ڇو نه هجي، ان کي ايمان جي ڪسجڻ جي علامت سمجهان ٿو. اهو منهنجو عقيدو آهي (مرتب جو به) ۽ ان عقيدي تي پنهنجي خدا جي حضور ۾ حاضر ٿيڻ چاهيان ٿو.

(اختلافِ امت اور صراط مستقيم حصه اول تان ورتل)

## ضميمون پهريون (١)

(امام المفسرين ترجمان السنت مجدد العصر شيخ الاسلام حضرت علامہ تقي الدين العباس احمد بن تيميہ حراني دمشقي معروف بہ "ابن تيميہ" رحمت الله عليه (وفات ٧٢٨هہ) دنياء اسلام جو تمام وڏو ۽ مشهور اسڪالر ٿي گذريو آهي. امام ابن تيميہ صاحب اسلامي علوم متعلق ڪن سون ڪان وڌيڪ ڪتاب تصنيف ڪيا هئا. انهن ڪتابن مان علامہ صاحب جو هڪ مشهور ڪتاب آهي بنام "منهاج السنت النبويہ في نقص ڪلام شيعت والقدريہ" (چار جلد) جيڪو شيعي مذهب جي رد ۽ ابطال بابت آهي. ان ڪتاب جي هڪ باب ۾ حضرت صاحب شيعن جون چريائپ ۽ ڪل جهڙيون ڳالهيون تفصيل سان درج ڪيون آهن. ان باب جا ڪجهہ ٽڪرا هت ضميمي طور پيش ڪجن ٿا، تہ جيئن سنڌ جي مسلمانن کي شيعن جي بي وقوفي ۽ ڪم عقليءَ جي ڄاڻ حاصل ٿئي. مرتب)

### شيعن جون بي وقوفيون

"اسانجي دور جا شيعا يزيد جي کوٽايل واهہ مان پاڻي نہ پيئندا آهن، حالانڪ پيغمبر پاڪ حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ ڪافرن جي کوٽايل کُٽنالن ۽ واهن مان پاڻي پيتو آهي. ساڳيءَ طرح شيعا شامي توت نہ کائيندا آهن، حالانڪ سيد المرسلين ﷺ ڪافرن جي ملڪن مان آيل پنير ۽ پيون شيون کائيندا هئا ۽ انهن جي هٿن جو ٺهيل ڪپڙو پائيندا هئا. شيعا بنو اميہ خاندان جي حڪمرانن جي ٺهيل جامع مسجد (جامع اموي جيڪا شام ملڪ جي دمشق شهر ۾ واقع آهي! مرتب) ۾ نماز نہ پڙهندا آهن، حالانڪ حضور ﷺ مشرڪن جي ٺاهيل ڪعبة الله ۾ ڪيئي دفعا نماز پڙهي هئي.

ساڳيءَ طرح شيعا ڏهن جو انگ زبان سان نہ اچاريندا آهن، ڇو تہ متان عشره مبشره (ڏهہ خوشخبري ڏنل جنتي اصحابي) جو نالو سندن زبان تي نہ اچي وڃي. شيعا پنهنجن گهرن ۾ ڏهہ ٿنيا يا پيل پاوا بہ نہ ٺاهيندا آهن. شيعا ڏهن جي بدران نون (٩) جو عدد استعمال ڪندا آهن. انگن ڪان امڙي قسم جي نفرت تہ بي وقوفي ۽ چريائپ آهي. قرآن مجيد ۾ حضرت صالح عليه السلام بابت اچي ٿو: "وكان في المدينة تسعة رهط يفسدون في الارض ولا يصلحون (نمل) ترجمو: (ءِ شهر ۾ نو قبيلا هئا جيڪي زمين ۾ فساد پکيڙيندا هئا ۽ اصلاح (سڌاري) جي ڪوشش نہ ڪندا هئا.) ڇا فساد ڪندڙن سان نو جو عدد اچڻ ڪري اهو عدد استعمال نہ ڪيو ويندو؟ ٻئي طرف قرآن شريف ۾ ڏهن جو انگ سٺي معنيٰ ۾ استعمال ٿيو آهي. جيئن تہ: "فمن لم يجد فصيام ثلثة ايام في الحج وسبعة اذا رجعتم تلك عشرة كاملة ـ والذين يتوفون منكم ويذرون ازواجا يتربصن بانفسهم اربعة اشهر و عشر ـ وواعدنا موسيٰ ثلثين ليلة واتممنا ها بعشر فتم ميقات ......... اربعين ليلة ـ والفجر وليال عشر وغيره" ــــ

حديث جي ڪتابن ۾ اچي ٿو تہ حضور انور شافع رسول رب العالمين ﷺ رمضان شريف جي آخري عشري (ڏهاڪي) ۾ مسجد نبوي ۾ اعتڪاف ڪندا هئا ۽ فرمائيندا هئا تہ الله تعاليٰ کي هن ڏهاڪي ۾ نيڪ عمل ٻين ڏينهن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ پسند آهن.

شيعا پنهنجي اولاد تي ابوبڪر، عمر، عثمان ۽ معاويہ جهڙا نالا نہ رکندا آهن، حالانڪ سرورِ ڪائنات ﷺ جي زماني ۾ مسلمانن پنهنجي اولاد تي امڙا نالا رکيا آهن. جيڪي پنهنجي ڪفر، شرڪ ۽ اسلام دشمني لاءِ مشهور هئا مثال طور: عمرو بن عبد، عمرو بن هشام ابوجهل، وليد بن وليد بن مغيره، خالد بن سفيان هذلي، هشام بن حڪيم، عقبہ بن ابو معيط، علي بن امية بن خلف ۽ عثمان بن طلحہ

وغيره. تہ ڇا ڪافرن جي اهڙن نالن رکڻ سان مسلمان پنهنجا نالا نہ رکندا؟ حضرت علي ڪرم الله وجهه پنهنجن پٽن جا نالا ابوبڪر، عمر ۽ عثمان رکيا هئا. ان مان ثابت ٿيو تہ اهڙي قسم جي نالن رکڻ ۾ ڪائي خرابي نہ آهي.

شيعن جي هڪ بي وقوفي اها بہ آهي تہ سامرا جي غار جي آڏو گهوڙو يا خچر ٻڌي امام منتظر جي نڪرڻ جو انتظار ڪندا رهندا آهن ۽ هر وقت سڏيندا رهندا آهن تہ او اسانجا مولا! او اسانجا سائين!! ٻاهر نڪري اچ. ڪيترا شيعا ان ڊپ کان نماز ئي نہ پڙهندا آهن تہ متان اوچتو امام منتظر غار مان ٻاهر نڪري اچي ۽ اسان سندس استقبال نہ ڪري سگهون! شيعا ڪيس سڏن يا نہ سڏن جيڪڏهن هن کي ٻاهر اچڻو هوندو تہ پوءِ ضرور بلضرور ٻاهر نڪري ايندو ۽ الله تعاليٰ سندس مدد فرمائيندو. شيعن کي غار جي ٻاهران انتظار ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟

شيعن جي هڪ چريائپ اها بہ آهي تہ ڳاڙهي رنگ جي هڪ رڍ خريد ڪندا آهن ۽ ان تي عائشہ نالو رکي ان جا وار پٽيندا آهن ۽ پنهنجي دل ۾ ائين سمجهندا آهن تہ ايئن ڪرڻ سان حضرت عائشہ کي ايذاءُ رسندو هوندو. ساڳيءَ طرح ٻن گڏهن جا نالا ابوبڪر ۽ عمر رکي انهن کي لٺين سان ڪٽيندا آهن ۽ پنهنجي خيال مطابق ائين سمجهندا آهن تہ ائين ڪرڻ سان حضرت ابوبڪر ۽ حضرت عمر کي تڪليف ٿيندي هوندي. سيني ماڻهن کي خبر آهي تہ فرعون، هامان، شداد، نمرود، ابوجهل ۽ ابولهب وغيره خدا ۽ خدا جي دين جا تمام وڏا دشمن هئا. جيڪڏهن ڪوئي ماڻهو ڪن جانورن تي انهن جا نالا رکي انهن کي ماري ڪٽي ۽ اهو خيال ڪري تہ ائين ڪرڻ سان انهن کي ايذاءُ

ٿيندو هوندو تہ اها ان جي وڏي بي وقوفي ۽ ڪم عقلي ڄڻبي. اسان لاءِ تہ اها ڳالهہ بہ جائز ۽ مناسب نہ آهي تہ جيڪڏهن اسانجو ڪوئي بدترين ڪافر دشمن بہ اسانجي مقابلي ۾ قتل ٿي وڃي تہ ان جو مثلو (١) ڪريون. ڇاڪاڻ تہ مري وڃڻ ڪانپوءِ ان جي عضون ڪپڻ سان ان ڪافر کي ڪائي تڪليف نہ ٿي پهچي سگهي.

اهڙيءَ طرح شيعا اٺ جو گوشت حرام سمجهندا آهن، ڇو تہ مشهور لڙائي "جمل واري جنگ" ۾ ام المومنين حضرت عائشہ صديقہ رضہ اٺ تي سوار ٿي حضرت علي رضہ سان جنگ ڪئي هئي. اهڙيءَ طرح شيعن جي ڇريائپ جون ٻيون بہ بي شمار ڳالهيون آهن، انهن کي جيڪڏهن هتي بيان ڪبو تہ دفتر ڀرجي ويندا، انڪري نموني خاطر ڪجهہ ڳالهيون درج ڪيون ويون.

---

(١) مثلو ڪرڻ مثل جا نڪ ڪن ۽ چپ وڍڻ.

# ضميمو ٻيو (٢)

## شيعا پنجن وحدتن جا دشمن آهن

مسلمان پنجن وحدتن: هڪ پيغمبر — هڪ ڪتاب — هڪ ڪلمي — هڪ ڪعبي ۽ هڪ امت جي اتحاد کي سنو سمجهن ٿا ۽ ان تي فخر ڪن ٿا. شيعا وري انهن پنجن ئي وحدتن جا ازلي ۽ جاني دشمن آهن، ان جو تفصيل هن طرح آهي:

(١) پهرئين وحدت پيغمبر:- شيعا، پيغمبر اسلام حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جي بدران حضرت علي رضہ کي الله جي طرفان موڪليل رهبر، ماڻهن جو هادي ۽ اطاعت جي لائق سمجهن ٿا. جيئن حضرت جعفر صادق رح جو قول آهي ته، "مان ان شريعت تي عمل ڪندو آهيان جيڪا عليء آندي آهي ۽ هو جنهن ڳالهہ کان روڪي ٿو، مان ان کان رڪجان ٿو". ۽ ٻيو قول "جرئي له من الفضل، ماجرئي لمحمد" يعني حضرت علي رضہ جو اهوئي مرتبو آهي جيڪو حضرت محمد (صلي الله عليه وسلم) جو آهي. اصل حقيقت اها آهي ته شيعا حضرت عليء کي حضور سائينء کان به وڌيڪ افضل سمجهن ٿا، ڇو ته هنن وٽ "امامت" جو درجو "نبوت" کان مٿي آهي ۽ شيعن جي نزديڪ حضرت علي رضي الله تعاليٰ عنه سيني نبين کان افضل آهي. تنهنڪري حضرت علي رضہ، حضور اڪرم ﷺ کان گهٽ يا ان جي برابر ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟

اهوئي سبب آهي جو جنهن شيء جي نسبت صرف حضرت عليء ڏانهن هوندي آهي، ان جو احترام شيعا وڌيڪ ڪندا آهن. مثال طور:

(١) اهي "امت محمدي" سڏائڻ بدران "شيعان علي" سڏائيندا آهن

۽ ان ڳالهہ تي فخر ڪندا آهن ۽ جيتريقدر وس پهچندو اٿن تہ "امت محمدي" جي ڳلا ۽ "شيعان علي" جي تعريف ڪندا آهن. شيعن جي مشهور ڪتاب "اصول ڪافي" ۾ حضرت جعفر صادق جو قول موجود آهي تہ "هـذه الامة اشباه الخنازير ـ فما هـذه الامة الملعونة" يعني هيءَ امت خنزيرن (مرن) جهڙي آهي ۽ هيءَ ڪهڙي ملعون امت آهي ! (اصول ڪافي جلد ١ صفحو ٢٣٧) ۽ امام جعفر صادق جو هيءُ قول بہ آهي "اسان جن شيعن کانسواءِ ٻيا سڀ ماڻهو ڪنجرين (رنڊين) جي اولاد آهن" (روضہ ڪافي صفحو ٢٨٥)

(٢) حضرت عليءَ جي والد جناب ابو طالب کي تہ بنا دليل ۽ خلافِ قرآن مومن ۽ محترم سمجهن، مگر پيغمبر پاڪ حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جي محترم چاچي حضرت عباس رضہ کي "ذليل النفس" ۽ "ضعيف الايمان" سڏن. (روضہ ڪافي صفحو ١٨٩ ۽ حيات القلوب جلد ٢ صفحو ٦١٨)

(٣) حضرت علي رضہ جي مسڪن (رهڻ واري جاءِ يا شهر) ڪوفي کي "حرم شريف" "قبة الاسلام" جهڙا لقب ڏين ٿا. حالانڪ انهيءَ شهر جي منافقن "حب اهل بيت" جي آڙ ۾ اهل بيت رسول کي تمام گهڻو ايذايو ۽ ستايو ۽ سندن عزت کي سخت ڇيهو رسايو. مگر حضور ﷺ جي مسڪن (شهر) ۽ ٽنهي خليفن جي رهڻ واري شهر "مدينہ منوره" بابت سندن (شيعن جو) قول هن طرح آهي: امام جعفر صادق فرمايو تہ شام وارا (حضرت معاويہ رضہ ۽ ٻيا مسلمان) رومين (عيسائين) کان بہ وڌيڪ خراب آهن ۽ مديني جا رهاڪو مڪي وارن کان بہ وڌيڪ بڇڙا آهن ۽ وري مڪي جا باشندا پڌرا گمراهہ آهن. ٻي روايت ۾ آهي تہ مڪي جا رهواسي ظاهر ظهور ڪافر آهن ۽ مديني جا باشندا انهن کان ستر دفعا وڌيڪ پليت (پليد) آهن. (اصول ڪافي جلد ٢ صفحو ٤١٠)

شايد ان دشمنيءَ جو سبب نورالله شوستري هيءُ ڄاڻايو آهي "واماکنہ مکہ و مدینہ محبتِ ابوبکر و عمر برایشان غالبست" (مجالس مومنين صفحو ٥٥) يعني مڪي ۽ مديني جي رهاڪن کي ابوبڪر ۽ عمر رضہ سان تمام گهڻي محبت آهي.

(۴) حضرت علي رضہ جي گهر وارين کي ماءُ کان وڌيڪ عزت ڏين ٿا مگر آيات تطهير جي مالڪياڻين، پيغمبر پاڪ جي ازواج مطهرات کي "اهل بيت" مان خارج ڪن ٿا ۽ انهن سان دشمني رکن ٿا. خاص طرح ام المومنين حضرت بي بي عائشہ صديقہ رضہ ام المومنين حضرت بي بي حفصہ رضہ ۽ ام المومنين حضرت بي بي ام حبيبہ رضہ کي شيعا جيڪي غليظ گاريون ڏين ٿا، انهن کي لکڻ جي قلم ۾ طاقت نہ آهي.

(۵) شيعا، حضرت عليءَ رضہ جي نياڻين جي تہ عزت ڪندا آهن، مگر حضرت بي بي فاطمہ کانسواءِ پيغمبر پاڪ جي ٻين ٽن نياڻين حضرت زينب، حضرت رقيہ ۽ حضرت ام ڪلثوم رضوان الله عليهن اجمعين جي ذڪر کان منهن گهنجائيندا آهن يا وري انهن جو پيءُ ٻيو تجويز ڪندا آهن.

(٦) ساڳيءَ طرح شيعا، حضرت علي رضہ جي ڄاڻن (نياڻن) جو تہ احترام ڪندا آهن مگر ڪائنات جي ڪارڻي ٻنهي جهانن جي سردار حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جي نياڻن کي مسلمان مڃڻ لاءِ بہ تيار نہ آهن.

(٧) شيعا، حضرت علي رضہ کي تہ سڀني مومنن جو پير سمجهندا آهن، مگر پيغمبر پاڪ ﷺ جا فيض يافتہ پنج ماڻهو بہ نہ مڃيندا. هڪ لک ٢۴ هزار اصحاب ڪرام رضوان الله عليهم اجمعين کي نعوذبالله اسلام کان خارج ۽ منافق (ڪافر) سمجهندا آهن.

(٨) شيعا، حضرت علي رضہ ۽ اهل بيت جي سڀني ساٿين کي تہ عزت لائق سمجهندا آهن، توڙي اهي کهڙا بہ هجن، مگر حضور سائينءَ جي هر ساٿي (اصحابي) مان عيب ڪڍندا آهن ۽ انهن سان بغض رکندا آهن.

(۹) شيعا، حضرت عليءَ رضہ جي جانشينن کي تہ پيرويءَ جي لائق سمجهندا آهن، مگر پيغمبر پاڪ ﷺ جي جانشينن (خليفن) کي سامري ۽ بتن سان تعبير ڪندا آهن.

(۱۰) حضرت علي رضہ ۽ اهل بيت جي براهِ راست تعليم کي تہ ڪامياب ۽ اثرائتو ميڄيندا آهن، مگر حضور سائينءَ جي براهِ راست تعليم کي پنجن ماڻهن ۾ بہ اثرائتو مڃڻ لاءِ تيار نہ آهن.

(۱۱) حضرت علي رضہ جي خطبات نالي سان شريف رضي جي مرتب ڪيل ڪتاب "نهج البلاغہ" ۽ ابو جعفر ڪليني جي سهيڙيل ڪتاب "اصول ڪافي" کي سڀ کان وڌيڪ مستند (اعتبار جوڳو)، واجب العمل (عمل لائق) ۽ تحريف (ڦير ڦار) کان پاڪ مڃن ٿا، مگر حضور عليه السلام تي الله جي طرفان نازل ٿيل ڪتاب (قرآن شريف) کي تحريف ٿيل (بدلايل، ڦير ڦار ٿيل) ناقابلِ اعتبار (جنهن تي ڀروسو نہ ڪيو وڃي) ۽ ناقابلِ عمل (جنهن تي عمل نہ ڪيو وڃي) سمجهن ٿا.

(اصول ڪافي صفحو ۴۱۱ ۽ ڪشف الغمہ جلد ۱ صفحو ۲۸۶)

باقي پيغمبر پاڪ جي فرمانن تي مشتمل مرتب ڪيل ڪتابن (حديث شريف جي مجموعن) کي صحيح سمجهڻ جو تہ سوال ئي پيدا نٿو ٿئي.

(۱۲) اهل بيت جي ماتم وارين سيني بدعتن ۽ هٿرادو ناهيل رسم کي سڀ کان وڌيڪ ڀلو سمجهي سڀ شيعا اجتماعن جي صورت ۾ گڏجي ڪري ادا ڪندا آهن مگر قرآن ۽ حديث جي حقيقي تعليم نماز ۽ روزه وغيره کي پنج سيڪڙو شيعا بہ ادا نہ ڪندا آهن.

## (۲) ٻي وحدت ـ ڪتاب الله يعني قرآن شريف

شيعا تہ منڍان موجوده قرآن شريف جي صحيح هجڻ جا قائل ئي نہ آهن، نہ وري ان تي عمل ڪرڻ جا. ان لاءِ رڳو هڪ حوالو ئي ڪافي آهي:

حضرت امام باقر پنهنجي ٻن شاگردن زراره ۽ ابوبصير جي اختلاف بابت چوي ٿو "بيشڪ ماڻهن حضور عليه الصلوات والسلام کانپوءِ اڳين ماڻهن جي نقش قدم تي هلندي الله جي ڪتاب کي توڙي مروڙي ۽ ڦيرائي ڇڏيو ۽ ان مان ڪجهه احڪام ڪڍي ڇڏيائون ۽ الله جي دين ۾ ڪجهه واڌارو ڪيائون ۽ ڪجهه ڪمي ڪيائون. اڄ ڪلهه سڀ ماڻهو (سني توڙي شيعا) جنهن مسئلي تي به آهن، اهي الله جي طرفان آيل وحيءَ جي خلاف آهن. بس اي زراره! الله توتي رحم ڪري، جيڪو توکي هدايو وڃي، اهو قبول ڪندو وڃ. ايستائين جو اها شخصيت (امام مهدي) اچي وڃي ته پوءِ توکي نئين سر الله جي دين جي تعليم ڏيندو." (مجالس مومنين جلد ١ صفحو ٣٤٥)

مٿين قول مان معلوم ٿيو ته حضرت امام باقر وٽ به اصلي خدائي تعليم نه هئي، نه وري قرآن کي صحيح ڪري سگهيو. تڏهن ته اهو ڪم امام مهدي جي حوالي ڪيائين.

## ٣. ٽين وحدت ـ ڪلمو طيب

شيعن ان وحدت کي به ختم ڪري ڇڏيو آهي. "لا الـه الا الله محمد رسول الله" واري ڪلمي مڃيندڙن کي شيعا مومن ۽ ڪامل ايمان وارو ڪڏهن به قبول نه ڪندا، جيستائين اهي "علي ولي الله وصي رسول الله، خليفة بلا فصل" واري هٿرادو ٺهيل ڪلمي تي ايمان نه آڻين.

## ۴. چوٿين وحدت ـ ڪعبة الله

اهو معاملو به توهان جي اڳيان ظاهر پيو آهي. شيعا ڪعبة الله شريف ۾ نماز باجماعت نه پڙهندا آهن، حالانڪ ڪعبت الله ۾ هڪ نماز پڙهڻ جو ثواب هڪ لک نمازن پڙهڻ جي برابر ملندو آهي. هڪ شيعو شاعر حاجين تي ٽوڪ ڪندي چوي ٿو؛

بدن پہ جامہ احرام، دل میں بغض علی،
تیرے نصیب کا چکر ہے، طواف نہیں.

نورالله شوستريءَ هڪ شيعي مقلد بن مسيب جي احوال ۾ لکيو آهي تہ هن هڪ حاجيءَ کي وصيت ڪئي هئي تہ منهنجي طرفان حضور انور صلي الله عليه وسلم کي پيغام پهچائجانءِ تہ جيڪڏهن توهان جي پرسان ابوبڪر ۽ عمر دفن ٿيل نہ هجن ها تہ پوءِ مان اکين سان اچي توهان جي زيارت ڪريان ها.

ع همسايہ بد مبادکس را.

(مجالس المومنين جلد ٢ صفحو ٣٤٣)

اهوئي سبب آهي جو ايران هجي توڙي هندستان پاڪستان، انهن ملڪن جا شيعا ڪعبة الله جي حج ۽ مدينہ منوره جي زيارت جي ڀيٽ ۾ ڪربلا، بغداد، مشهد ۽ نجف جي زيارتن کي وڌيڪ پسند ڪندا آهن ۽ وڏي تعداد ۾ قافلن جي صورت ۾ اوڏانهن ويندا آهن ۽ ان سفر ۾ دل کولي خرچ ڪندا آهن. ڇو نہ هجي، ڇو تہ انهن جاين جو حج، بيت الله جي حج کان بہ افضل آهي. مثال طور، حضرت حسين رضہ جي قبر جي زيارت بابت حضرت جعفر صادق جو قول آهي:

"ايما مومن اتي قبرالحسين عليه السلام عارفا بحقه في غير يوم عيد كتب الله له عشرين حجة و عشرين عمرة مبرورات مقبولات وعشرين حجة مع نبي او مرسل او امام عادل" (فروع ڪافي جلد ٢ صفحہ ٥٨٠)

يعني جيڪو مومن حضرت حسين (رضي الله تعاليٰ عنه) جي قبر تي عيد جي ڏينهن کانسواءِ حضرت حسين رضہ جو حق سڃاڻي ڪري اچي، الله تعاليٰ ان لاءِ ويهن حجن ۽ ويهن عمرن جو ثواب لکندو، جيڪي پاڪ ۽ مقبول آهن ۽ (ان کان علاوه) ٻين اهڙن ويهہ حجن جو ثواب لکندو جيڪي نبي يا مرسل يا امام عادل سان گڏ ڪيا ويا هجن.

## ٥. پنجين وحدت ـ امت جو اتحاد

ان وحدت جو شيعن جيڪو حشر ڪيو آهي، اهو توهان جي

سامهون آهي. شيعا هر معاملي ۾ سڄي مسلم امت کان الڳ ۽ ڌار آهن. هو دنيا جي سڀني مسلمانن کي غير مومن ۽ منافق سمجهندا آهن. تاريخ گواهه آهي تہ شيعن جون همدرديون مسلمانن جي پيٺ ۾ هميشہ ڪافرن سان رهيون آهن. (ڇو نہ هجن ڇو تہ اهي بہ تہ انهيءَ ڪاتي جا آهن، پنهنجي جنس لاءِ دل ڪُرندي اٿن مترجم) هلاڪو خان جي هٿان بغداد جي تباهي، شيعن جي فاضل محقق نصيرالدين طوسي ۽ ابن علقمي جا ڪارناما آهن. تيمور لنگ شيعي هٿان دهليءَ ۾ مسلمانن جو قتل عام ۽ تباهيءَ جو احوال پڙهي ماڻهوءَ جا لڱ ڪانڊارجيو وڃن. ٻئي طرف وري شيعا ان ڳالهہ تي اڄا تائين فخر ڪندا آهن. اسلامي ملڪن ۾ انتشار وجهڻ ۽ سني مسلمانن جو قتل عام ڪرڻ، شيعن جو دل پسند مشغلو آهي. سن ۱۹۷۳ع واري عرب - اسرائيل جنگ ۾ جڏهن سڄي اسلامي دنيا، مغربي ملڪن کي تيل جي سپلاءِ بند ڪري ڇڏي هئي تہ ايران جي شيعي رياست روائتي غداريءَ جو ثبوت ڏيندي تيل جي سپلاءِ جاري رکي.

سن ۱۹۷۹ع ۾ "اسلامي انقلاب" جي آڙ ۾ جڏهن شيعو ليڊر مسٽر آيت الله خميني ايران ۾ برسرِ اقتدار ٿيو تہ سڀني اسلامي ملڪن ۾ انتشار ۽ ڏقيڙ وجهڻ لاءِ اهو بيان جاري ڪيائين تہ "اسان هر ملڪ ۾ بادشاهت جي خلاف آهيون. اسان جن پيروڪارن (شيعن) کي گهرجي تہ اهي پنهنجن بادشاهن جون حڪومتون ختم ڪرن." اهوئي سبب آهي جو عراق جي شيعن صدر صدام حسين جي خلاف تحريڪ هلائي تہ ان جي نتيجي ۾ ايران - عراق جنگ ڇڙي پيئي. جنگ شروع ٿيڻ ڪانپوءِ سنت ئي سڄي دنيا جي مسلم سربراهن (خاص طرح پاڪستان جي تڏهوڪي صدر) جنگ بند ڪرائڻ ۽ ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ ناهہ ڪرائڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي پر خميني ڪنهن جي هڪ بہ نہ ٻڌي ۽ پنهنجي هوڏ تان اصل نہ لٿو. تانجو ڏهن سالن تائين وڏو

جاني ۽ مالي نقصان ٿيندو رهيو. لکن ماڻهن جي جاني قرباني ۽ ڪرڻ رهڻ جي مالي خساري بعد مس مس وڃي ... شيءِ جي انتقام جي باھ جهڪي ٿي ۽ آخرڪار ٿڪجي ڪري، شڪست کائي، لڙائي بند ڪيائين.

خود ايران اندر، مسٽر خميني سنين مٿان جيڪي ظلم ڪرايا هئا، انهن کي قلم بيان ڪرڻ کان قاصر آهي. رڳو ٻن سالن جي مختصر عرصي ۾ ايران اندر ڏهه هزار سني ڪردن کي شهيد ڪيو ويو هو.

(روزانه "ميزان" تهران مؤرخه ١٦ فيبروري ١٩٨١)

اندکے پيش تو گفتم حالِ دل ترسيدم،
که آزرده شوي ورنه دلبرا جائے سخن بسيار است.

ترجمو: دل جو ٿورڙو احوال تنهنجي آڏو پيش ڪيم. ڇو ته تنهنجي غمگين ٿيڻ جو ڊپ ٿيو. ورنه اي دلبر! مون کي ڳالهائڻو ته تمام گهڻو هيو.

("تحفئه اماميه" تاليف حافظ مهر محمد ميانوالي تان ورتل)

١

محترم غلام محمد ميمڻ صاحب

# شيعہ مذهب ۾ متعہ

## شيعہ مذهب ۾ متعہ ڇا آهي؟ شيعہ مذهب جو متعہ جاهليت جي زماني ۾ بہ زنا هو. قرآن و حديث ۽ تاريخي حقائق جي روشني ۾ متعہ تي دلچسپ بحث

هن باب مان اوهان کي شيعہ مذهب جي افضل ترين عبادت متعہ جي شڪل ۽ صورت ۽ فقہ جعفريہ جا اصل خدوخال معلوم ٿي سگهندا.

### ١. اسلام اندر نڪاح جي ضرورت ۽ اهميت

انهيءَ کان اڳ، جو شيعہ مذهب جي "متعہ" بابت ڪجهہ لکجي، اڇو تہ پهرين، اسلام اندر، نڪاح جي ضرورت، اهميت ۽ انهيءَ جا لوازمات معلوم ڪريون.

دنيا جي تاريخ کي ڏسجي ٿو، تہ معلوم ٿو ٿئي، تہ جڏهن کان هيءَ دنيا وجود ۾ آئي آهي، نسب جي حفاظت جو مسئلو، هميشہ ضروري رهيو آهي. اسلام اندر تہ ڇا، پر غير قومن، جهڙوڪ يهودي، نصارى، مجوسي، هندو، سک، ڀيل وغيره وغيره قومن ۾ بہ، نسب جي حفاظت لاءِ، سندن مذهبي طريقن ۽ روايات سان، هن ۾ ڪو نہ ڪو شاديءَ جو اهڙو طريقو مقرر ٿيل آهي، جنهن ۾ دائمي تعلق جي ارادي سان انهن ۾ شاديون خانہ آباديون ٿينديون رهن ٿيون، جنهن سان هن جو نسب ۽ نسل قائم آهي. اسانجي ڪنن ۾، هي دائمي رشتي جا الفاظ، جيڪي هميشہ گونجندا رهندا آهن، جيئن زال، مڙس، ماءُ، پيءُ، پٽ، ڌيءَ، ڀاءُ، ڀيڻ، ڏاڏو، ڏاڏي، نانو، ناني، مامون، مامي وغيره وغيره، تہ اهي سڀ جا سڀ رشتا، هر قوم ۾، سندن مذهبي روايات جي بنياد تي ٿيندڙ شادين خانہ آبادين جو نتيجو آهن ۽ اهي شاديون دائمي طور

زال ۽ مڙس جو پاڻ ۾ جوڙو ٿي رهڻ جي ارادي جي بنياد تي ٿين ٿيون. شيعہ مذهب کان سواءِ، پوريءَ دنيا اندر، اهڙو ٻيو ڪوبہ مذهب ڪونهي، جنهن ۾ خواهشات نفساني کي پوري ڪرڻ لاءِ، ڪنهن عورت سان ڪجهہ معاوضو طئہ ڪري، جماع ڪرڻ جي ڇوٽ مليل هجي ۽ انکي هڪ مذهبي فريضو ۽ انجي هر هڪَ پهلوءَ لاءِ، عظيم اجر ڇيا ويا هجن. جيئن اوهان اڳتي شيعن جي معتبر ڪتابن جي حوالن سان پڙهندؤ.

اسلام، هڪ نهايت پاڪيزه، الله جو پسنديده مذهب آهي، جنهن ۾ نڪاح جي برڪتن سان اجڙيل، سنسان ۽ ويران گهر ۽ گهراڻو آباد ٿئي ٿو. مرد ۽ عورت جي تعلق کي، اسلام انهيءَ ڪري جائز رکيو آهي، تہ جيئن هڪ پاڪيزه معاشري جو بنياد رکجي ۽ هڪ خاندان بنجي.

اسلام، مرد ۽ عورت جي جنسي تعلق کي پوري ڪرڻ جو طريقو، نڪاح مقرر ڪيو آهي. نڪاح لڪي ڇپي نہ، بلڪہ اهو اهڙي اعلان سان وجود ۾ اچي ٿو، جنهن سان زال ۽ مڙس، دائمي طرح گڏجي رهڻ، انساني نسل جي پيدائش، پرورش ۽ انجي زندگيءَ جي مختلف ضرورتن جون ذميواريون ورهائي کڻڻ جو پختو عهد ڪن ٿا ۽ شريعت محمدي عليٰ صاحبها الصلواة والتسليم مطابق، ٻنهي جا هڪ ٻئي تي ٻهرايل حق قائم ٿي وڃن ٿا. ٻئي پاڻ ۾ مستقل نباهڻ جي ارادي ۽ عزم سان، عمر جي هر دور لاءِ، مال، ملڪيت ۽ اقبال جي هر لاهيءَ ۽ چاڙهيءَ جي حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار رهن ٿا. اهو سڀ ڪجهہ اقرار نامون، يعني نڪاح جو عمل، شاهدن جي موجودگي ۾ عمل ۾ اچي ٿو. انهيءَ لاءِ تہ هاڻي انهيءَ جوڙي لاءِ، ڪو غلط تعلق جو تصور بہ دل ۾ نہ آڻي، ڇاڪاڻ هاڻي اهي ٻئي، هڪ ٻئي جا هميشه لاءِ ٿي چڪا آهن. نڪاح جي باري ۾ ارشاد باري تعاليٰ ڏسو:-

وَالَّذِيْنَ هُمْ لِفُرُوْجِهِمْ حَافِظُوْنَ ۝ اِلاَّ عَلٰٓي اَزْوَاجِهِمْ اَوْمَا مَلَكَتْ اَيْمَانُهُمْ فَاِنَّهُمْ غَيْرُ مَلُوْمِيْنَ ۝ فَمَنِ ابْتَغٰي وَرَآءَ ذَالِكَ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْعَادُوْنَ ۝
(المومنون ٢٣-ع ١ - آيت ٥-٧)

ڪاميابي ۽ بهتري انهيءَ ۾ آهي، تہ ايمان وارا پنهنجن شرمگاهن جي پوري حفاظت ڪن. نڪاح واريءَ زال ۽ ٻانهيءَ ڪانسواءِ، ٻيءَ ڪنهن بہ عورت سان جماعُ ڪرڻ حلال نہ آهي ۽ جيڪو شخص، انهن ٻنهين ڪانسواءِ ٻيو طريقو اختيار ڪندو، تہ اهو الله جون مقرر ڪيل حدون ٽوڙيندڙ آهي.

هتي نص قطعي قرآن ڪريم مان ثابت ٿيو تہ (١) نڪاح واري عورت ۽ (٢) ٻانهيءَ ڪان سواءِ ٻيءَ ڪنهن بہ عورت سان همبستري ڪرڻ حلال نہ آهي بلڪ حرام يعني زنا آهي.

هن پاڪيزه رشتي، يعني نڪاح جا لوازمات ۽ تفصيلات، قرآن ڪريم ۽ احاديث نبوي ۾ وڏيءَ وضاحت سان بيان ٿيل آهن. جن لاءِ امت کي وقت جي علماءِ طرف رجوع ٿيڻو پوندو آهي. جيئن (١) ڪهڙين رشتيدار عورتن سان نڪاح ڪري سگهجي ٿو ۽ ڪهڙين سان نڪاح نٿو ڪري سگهجي (٢) ولي ۽ وارث جي اجازت جو ضروري هجڻ (٣) شاهدن جو ضروري هجڻ ۽ هنوقت انهيءَ جي صورت نڪاح جي رجسٽريشن چئي سگهجي ٿي (۴) مهر جو مقرر ٿيڻ ۽ انجي ادائگي (۵) طلاق (٦) عدت (٧) حمل واري عورت جي عدت جو بيان ۽ انهيءَ کي ٻار ڄڻڻ تائين خرچ ڏيڻ جو حڪم (٨) تعزيرات جا احڪام (٩) وصيت ۽ ميراث جي تقسيم جا احڪام وغيره وغيره.

هتي آئون، قرآن ڪريم مان صرف هيٺين ٽن ڳالهين تي قرآني حڪم پيش ڪريانٿو:-

(١) نڪاح لاءِ عورت جي ولي جي اجازت ضروري هجڻ (٢) عدت (٣) حمل واري عورت جي عا ت جو حڪم:-

نڪاح جو هڪڙو ٻي قسم جائز ۽ حلال رکيو آهي، جيڪو مرد ۽ عورت جي وچ، دائمي تعلق جي ارادي سان علي الاعلان، ولي جي اجازت ۽ شاهدن جي روبرو، شادين خانہ آبادين جي صورت ۾ وجود ۾ اچي ٿو، جنهن سان مٽين مائٽين، طلاق، عدت، وصيت ۽ ميراث جي تقسيم جا شرعي احڪام وجود ۾ اچن ٿا ۽ انهي هڪڙي نڪاح جي طريقي کانسواء، اسلام ٻيا سڀ طريقا جن کي چور دروازا چئي سگهجي ٿو ناجائز، حرام ۽ زنا جو فعل قرار ڏنا آهن.

**٢. نڪاح، جيڪو مرد ۽ عورت جي دائمي ازدواجي تعلقات جي بنياد تي ٿئي ٿو، انکانسواء، اسلام کان اڳ، مرد ۽ عورت جي تعلق جون ٻيون ٻہ (٢) صورتون:**

هتي مناسب معلوم ٿو ٿئي، تہ انساني تاريخ ۾ نڪاح، جيڪو مرد ۽ عورت جي وچ، دائمي ازدواجي تعلقات جي بنياد تي ٿئي ٿو، ان کان سواء، دنيا ۾، مرد ۽ عورت جي وچ ۾، باهمي ازدواجي تعلقات جون جيڪي ٻيون ٻہ "٢" صورتون رونما رهيون آهن، انهن کي بہ بيان ڪجي تہ جيئن، حقيقت پوري طرح واضح ٿي ۽ اهي آهن:-

(١) پهرين صورت "نڪاح موقت" يا "نڪاح متعہ":- هيءُ مرد ۽ عورت جو اهو ازدواجي تعلق هو، جيڪو ولي جي اجازت سان شاهدن جي موجودگيءَ ۾، هڪ مقرر مدت لاءِ قائم ڪيو ويندو هو ۽ معين مدت گذرڻ بعد، عورت علحدگي اختيار ڪري هڪ حيض اچڻ تائين، ٻئي ڪنهن سان متعہ يا نڪاح نئي ڪري سگهي. هن صورت کي جاهليت جي زماني ۾ "نڪاح موقت" يا "متعہ" يا "نڪاح متعہ" سڏيندا هئا ۽ اسلام جي شروعاتي دور ۾، اهو "نڪاح موقت" يا "نڪاح متعہ" جاري رهيو ۽ بعد ۾ الله جي حڪم سان، نبي اڪرم ﷺ جن انجي منع ڪئي ۽ انجي حرام هجڻ جو اعلان فرمايو ۽ هاڻي اهو "نڪاح موقت" يا "نڪاح متعہ" اج تائين اسلام اندر حرام بلڪ زنا آهي.

(۲) ٻي صورت زنا (هنوقت شيعن وارو متعہ) :- ڪنهن عورت کي سڏيءَ طرح يا ڪنهن دلالہ (ڏوتيءَ) عورت جي معرفت، هڪ رات لاءِ، هڪ ڪلاڪ لاءِ، هڪ ڏينهن لاءِ، هڪ رات ڏينهن لاءِ، هڪ مهيني وغيره لاءِ، ڪجهہ خرچيءَ تي راضي ڪجي ۽ هوءَ پاڻ کي، مرد جي حوالي ڪري، تہ انهيءَ فعل کي، شروع دنيا کانوٺي، اڄ تائين زنا چيو ويو آهي ۽ اسلام اندر بہ، اهو خالص زنا آهي، پوءِ انهيءَ ناپاڪ فعل کي، ڪنهن مذهب جي تصنيف ڪندڙن، متعہ جو نالو ڏئي، خرچيءَ يا ڪرائي کي، مهر جو نالو ڏئي ۽ دلالہ (ڏوتيءَ) عورت کي، وڪيلہ يا وڪيل جو نالو چو نہ ڏنو هجي! جهڙيطرح خنزير کي ٻڪري سڏڻ سان، خنزير جي حقيقت بدلجي نٿي سگهي، ساڳي طرح زنا کي مُتعہ، يا "نڪاح متعہ" سڏڻ سان، اهو زنا ئي زنا آهي ۽ زنا رهندو.

. پوءِ هتي اها ڳالهہ واضع ٿي تہ، شيعن جو متعہ، اسلام کان اڳ بہ زنا هو، اڄ بہ خالص زنا آهي، جنهن ۾ ڪابہ شڪ جي گنجائش ڪانهي ۽ انجي خالص زنا هجڻ لاءِ، اوهانکي ايندڙ صفحات ۾، ڪافي مواد ملندو، جنهن کي پڙهڻ لاءِ اوهين پاڻ کي تيار رکو.

جيتوڻيڪ بيان ڪيل ٻهرين صورت "نڪاح موقت" يا "نڪاح متعہ" انهن واضح شرطن سان، عربن ۾ رواج ۾ هو، ليڪن، جيئن تہ انهيءَ جو واحد غرض صرف ۽ صرف انسان ذات جي نفساني خواهشن جي پورائي ۽ پيروي هئي ۽ انهيءَ مان بہ شادي ۽ نڪاح وارا دُور رس فائدا حاصل نٿي ٿي سگهيا، جهڙوڪ انساني نسل جي پيدائش، پرورش، انساني نسل جو پورو پورو تعين جنهن تي دائمي مٽيون ماٽيون ۽ انهيءَ مقدس لاڳاپن جو مدار آهي ۽ مرد ۽ عورت لاءِ گهرو ذميوارين جي تقسيم. لهذا، عام طرح سنجيدا طبقا، ڪفر جي حالت ۾ بہ، انهيءَ (متعہ) کي نفرت جي نگاه سان ڏسندا هئا. ليڪن بهرحال اهو هڪ پراڻو رواج هو ۽ هلندو آيو. اگرچ، شيعہ مذهب جو متعہ، جنهن کي

ٻيءَ صورت زنا ۾ ڄاڻايو ويو آهي الجو تفصيل اڳتي ايندو، پر هتي اهو ٻڌائي ڇڏڻ مناسب آهي تہ شيعہ مذهب ۾ جنهن زنا کي متعہ جي نالي ۾ جائز رکيو ويو آهي، انکي عياشيءَ جو آسان ذريعو بنائڻ لاءِ، هنن جاهل عربن کان بہ اڳتي وڌي، هڪ طرف اهي جاهليت وارا شرط ختم ڪيا آهن، جيئن ولي (وارث) جي اجازت هجي ۽ انهيءَ متعہ جا باقائده شاهد هجن، جن کي متعہ جي مدت ۽ طئہ ٿيل معاوضو معلوم هجي وغيره ۽ هڪ شخص سان متعہ ڪانپوءِ عورت هڪ حيض تائين نسل جي ظاهر ٿيڻ جو انتظار ڪري وغيره، ٻي ڳالهہ تہ، جاهل عرب بہ انکي، پنهنجي لاءِ شانائتي ڳالهہ نہ سمجهندا هئا. پر شيعہ مذهب جي محدثن ۽ مجتهدن، سندن متعہ لاءِ، جيڪو قرآن ۽ نبي ﷺ جي حديثن موجب خالص زنا آهي، ايڏا اجر ۽ مرتبا آڇيا آهن، جو ايڏا اجر، ثواب ۽ روحانيت ۾ ترقي، سندن ڪتابن ۾ اهم عبادتن نماز، روزي، تلاوت قرآن، درود شريف، ذڪر و تسبيح وغيره لاءِ بہ بيان ٿيل نہ آهن، جيئن ڪِ اوهانکي اڳتي سندن معتبر ڪتابن مان اهڙا حوالا نظر ايندا، جيڪي هڪ شريف انسان جو، پوءِ اهو ڪهڙي بہ مذهب سان تعلق رکندو هجي، شرم کان ڪنڌ جهڪايو ڇڏين، ڇہ جائيڪ، امامن سڳورن جا اهي قول هجن ۽ هنن متعہ (زنا) کي جائز چيو هجي.

هتي اها ڳالهہ بہ ڌيان ۾ رهي، تہ خاص مصلحتن ۽ انساني نفسيات جي مد نظر، اسلامي تعليم ۽ قرآني احڪامن جي نازل ٿيڻ جو طريقو اهو رهيو، جو شروع شروع ۾ صرف ايمان ۽ عقيدن ۽ الله جي حمد و تسبيح تي زور ڏنو ويو. ايمان ۽ عقيدن جي دلين ۾ راسخ ٿيڻ بعد، رفتہ رفتہ فرض عبادتن جا احڪام آيا. حلال و حرام جا احڪام، گهڻو پوءِ مدني زندگيءَ ۾ نازل ٿيا. مثلاً شراب، وياج، جوا وغيره جي حرام ٿيڻ جا حُڪم، گهڻو بعد ۾ نازل ٿيا ۽ جيستائين، انهن جي حرام ٿيڻ جا حڪم نازل نہ ٿيا هئا. انهن سيني ڳالهين جو رواج هو، پر انهن ڳالهين

ڪي اسلام جو حڪم نہ ڇٽبو. ڇاڪاڻ تہ بعد ۾ انهن ڳالهين جي حرام هجڻ جا احڪام نازل ٿيل آهن. ساڳي حالت متعہ جي بہ هئي. حضور اڪرم ﷺ حن سنہ ٧ هجريءَ ۾ خيبر جي لڙائي دوران انهيءَ جي حرام هجڻ جو اعلان ڪيو. جنهن جو ذڪر صحيح بخاري ۽ صحيح مسلم ۾. حضرت علي رضہ جي روايت سان بہ. هن طرح موجود ملي ٿو:

باب نهي رسول الله صلي الله عليه وسلم عن نكاح المتعة اخيرا حدثنا مالك بن اسماعيل قال حدثنا ابن عيينة انه سمع الزهري يقول اخبرني الحسن ابن محمد بن علي واخوه عبدالله عن ابيهما ان عليا قال لابن عباس ان النبي صلي الله عليه وسلم نهي عن المتعة وعن لحوم الحمر الاهلية زمن خيبر (بخاري جلد ٢ صفحہ ٧٦٦-٧٦٧)

ترجمو: "هي باب آهي. جنهن ۾ رسول الله صلي الله عليه وسلم پنهنجي آخري عمر ۾. متعہ جي نڪاح بابت منع فرمائي". مالڪ بن عيينہ روايت ڪئي آهي. تہ انهيءَ زهري ڪان ٻڌو. جنهن چيو تہ. مونکي حسن بن محمد ۽ ان جي ڀاءُ عبدالله خبر ڏني. پنهنجي پيءُ محمد ڪان. تہ علي. ابن عباس (رضي الله تعاليٰ عنهم) کي چيو. تہ بيشڪ نبي صلي الله عليه وسلم فتح خيبر جي موقعي تي متعہ کان ۽ گڏهن جي گوشت کائڻ کان منع فرمائي.

صحيح بخاري جي شارح امام ابي الحسن السندي. بخاري شريف جي حاشيءَ ۾ هي حديث ڏني آهي:-

عن سبرة الجهني انه كان مع رسول الله صلي الله عليه وسلم فقال ياايهاالناس اني قد كنت اذنت لكم في الاستمتاع من النساء وان الله قد حرم ذالك الي يوم القيمة. (حاشيہ صحيح بخاري جلد ٢ ص ٧٦٧)

سبرة الجهني کان روايت آهي. تہ هو رسول الله ﷺ سان گڏ هو. پوءِ پاڻ فرمايائون تہ. اي انسانو! مون اوهانکي عورتن سان. متعہ ڪرڻ جي اجازت ڏني هئي يعني متعہ جو رواج هو ۽ مون منع ڪا نہ ٿي ڪئي.

هاڻي الله تعاليٰ ان (متعہ) کي قيامت تائين حرام ڪري ڇڏيو آهي.

ڏيان ۾ رهي، تہ صحيح مسلم جلد ۱ جي صہ ۴۵۲ ۾ متعہ جي حرام هجڻ بابت حديثون موجود آهن. امام ترمذي "ماجاء في نڪاح المتعۃ" جو باب قائم ڪري انيم هڪ روايت حضرت علي رضہ ۽ ٻي روايت حضرت عباس رضہ کان متعہ جي حرام هجڻ جي باري ۾ ڏنيون آهن.

پوءِ هتي اها حقيقت معلوم ٿي، تہ حضور اقدس ﷺ جن، "نڪاح متعہ" کي قيامت تائين حرام ٺهرائڻ جو واضح ۽ چٽن الفاظن ۾ اعلان فرمايو آهي ۽ اها حقيقت (۱) صحيح بخاري (۲) صحيح مسلم ۽ (۳) ترمذي شريف مان معتبر سندن سان ثابت آهي ۽ نبي اڪرم ﷺ جي سڄي امت، انهيءَ حقيقت تي متفق رهي آهي تہ الله جي حڪم سان نبي ﷺ جن، "نڪاح متعہ" جي حرام هجڻ جو اعلان فرمايو ۽ اهو قيامت تائين حرام ۽ زنا آهي ۽ اهو امت مسلمہ ۾ ڪٿي بہ رائج ڪونهي. رهي ڳالهہ شيعن جي متعہ جي، تہ اهو اسلام کان اڳ جهالت جي دور ۾ بہ زنا هو، اڄ بہ زنا آهي ۽ اهو قيامت تائين زنا سڏبو رهندو، جنهن ۾ ڪوبہ اختلاف ڪونهي.

## ۳- شيعہ مذهب جو متعہ ڇا آهي انجا عملي طرح مثال شيعن جي ڪتابن مان

جاهليت جي دور ۾، جيڪا متعہ جي صورت هئي، اها اوهان پڙهي تہ ان ۾ (۱) وارث جي اجازت ۽ رضامندي ضروري هئي (۲) متعہ لاءِ وڪيل ۽ شاهد ضروي هئا ۽ لِڪَ ڇپ ۾ متعہ نٿي ٿي سگهيو ۽ (۳) متعہ جي مقرر ٿيل مدت پوري ٿي تہ انڪاليوءِ بہ، عورت هڪ حيض اچڻ تائين ٻئي سان متعہ نٿي ڪري سگهي. پوءِ اوهان قران و حديث جي روشنيءَ ۾ اهو بہ پڙهيو، تہ انهيءَ متعہ کي بہ اسلام حرام قرار

ڏنو، جيڪو اڄ ڏينهن تائين اسلام اندر نص قطعي قرآن و حديث جي احڪامن سان حرام ۽ زنا آهي.

هاڻي اچو تہ ڏسون تہ شيعہ مذهب ۾، جنهن فعل کي متعہ سڏجي ٿو، اُها حقيقت ۾ ڪهڙي شيء آهي ۽ ان جا حقيقي خدوخال، شڪل ۽ صورت ڪهڙي آهي؟ هن ۾ اَئون چاهيان ٿو، تہ متعہ جي حقيقت کي خود شيعن جي ڪتابن جي زبان ۾ عرض رکان، ڇاڪاڻ تہ، هن جي پنهنجن ڪتابن مان، انهيء موضوع تي، اهڙي روشني پوي ٿي، جو شايد اَئون پنهنجن الفاظن ۾، متعہ جي حقيقت پيش ڪرڻ ۾ انجو حق ادا نہ ڪري سگهان!

(۱) هن وقت امام خميني صاحب جي هڪ مشهور تصنيف، "توضيح المسائل" جو اردو ترجمو، جيڪو علامہ سيد صفدر حسين نجفي جو ڪيل آهي ۽ انهيء جي تصحيح وري حجة الاسلام سيد مقصود علي رضوي ڪئي آهي، منهنجي سامهون آهي. هيء ترجمون، نام نهاد اسلامڪ ريپبلڪ ايران تازو سن ۱۴۰۴هجريء ۾، پنجاهہ هزار (۵۰,۰۰۰) ڪاپين جي تعداد ۾ ڇپائي شايع ڪيو آهي، جيڪو ۴۸۶صفحن تي مشتمل $\frac{1}{2}$۶x۹ سائيز ۾ تمام اوڇي ڪاغذ تي ڇپيل آهي، جنهن ۾ خميني صاحب جو فوٽو بہ ڏنل آهي (صہ ۴۹۸) هن ڪتاب ۾، خميني صاحب متعہ کي "عقد غير دوائم" جو نالو ڏنو آهي ۽ فرمائي ٿو؛

"عقد غير دائمي اهو آهي، جنهن ۾ نڪاح جي مدت مقرر ٿيل هوندي آهي، مثلاً عورت سان هڪ ڪلاڪ، هڪ ڏينهن، هڪ مهينو، هڪ سال يا انهيء کان زياده مدت جي لاء عقد ڪيو وڃي ۽ جنهن عورت سان انهيء قسم جو عقد ٿيو آهي، تہ انکي متعہ ۽ صيغہ جي نالي سان سڏبو آهي."

(ترجمہ توضيح المسائل اردو صہ ۳۶۰)

توضيح المسائل جي صہ ٣٦٨ پر هيٺيان مسئلا پڙهو:۔

● " ڪنهن عورت سان متعہ ڪرڻ، اگرچہ لذت حاصل ڪرڻ لاء نہ هجي تڏهن بہ صحيح آهي"

● "متعہ واري عورت کي جيڪڏهن حمل ٿي پوي (تڏهن بہ) خرچ جو حق نہ ٿي رکي"

● "متعہ واري عورت ـــ مرد جي ورثي ولڻ ۽ مرد بہ انجي وارث بنجڻ جو حق نٿا رکن." (توضيح المسائل صہ ٣٦٨، مسئلہ نمبر ٢٤١٨، ٢٤٢١، ٢٤٢٢)

جيتوڻيڪ امام خميني صاحب جي مذڪور بيان ڪيل مسئلن مان بہ، اوهان خود محسوس ڪري ويا هوندا. تہ متعہ جي شڪل ۽ صورت هوبهو زنا آهي، پر اڳتي متعہ جا جيڪي عملي مثال بہ اوهانجي سامهون ايندا، انهن مان اوهانکي سؤ فيصد خاطري ٿي ويندي، تہ شيعہ مذهب جو متعہ، حقيقت ۾ زنا آهي ۽ هنن اسلام (قران و سنت) جي مخالفت ۾ زنا کي عام ڪرڻ لاء، ۽ انهيء جي خباثت ۽ پليديء تي پردو وجهڻ لاء، زنا کي متعہ جو نالو ڏنو آهي.

(٢) امام خميني صاحب جو هڪ ٻيو مشهور ڪتاب نالي " تحرير الوسيلہ" جلد ٢ هن وقت منهنجي سامهون آهي، جنهن ۾ هيءُ امام الزمان (امام غائب مهدي) جو نائب يا خليفو يا قائم مقام يعني خميني صاحب فرمائي ٿو:۔

يجوز التمتع بالزانية علي كراهية خصوصاً لو كانت من العواهر والمشهورات بالزنا وان فعل فليمنعها من الفجور. (تحرير الوسيلہ جلد ٢ ص ٢٩٢)

ترجمو: زناڪار عورت سان متعہ ڪرڻ جائز آهي مگر ڪراهت سان، خصوصاً جڏهن اها عورت مشهور پيشہ ور زانياڻي (رنڊي) هجي ۽ جيڪڏهن انهيء سان متعہ ڪيو وڃي، تہ چڱو آهي. تہ انهيء زناڪار

عورت کي زنا کان روڪجي.

آئون پڇان ٿو، تہ "مشهور پيشہ ور زانياڻي عورت" سان ڪو شريف الطبع انسان نڪاح ڪيئن ڪندو؟ پوءِ اهوئي سبب آهي، جو "نڪاح متعہ" جي نالي ۾، زنا ۾ ـ نہ ولي جي اجازت لازمي رکي وئي آهي ۽ نہ وري ان ۾ شاهدن ۽ وڪيل جو هجڻ ضروري آهي. حقيقت اها آهي، تہ زناڪار پيشہ ور زانياڻي عورت جو ڪير ولي ٿيندو ۽ ڪير وڪيل ۽ شاهد بنبا ۽ هوءِ هڪ حيض تائين، ٻئي سان متعہ ڪرڻ جو ڪيئن انتظار ڪندي؟ لهذا، شيعہ مذهب جي تصنيف ڪندڙن، عرب جي جاهليت جي دور جون جيڪي متعہ لاءِ ضروري پابنديون هيون، انهن کي بہ هٽائي ڇڏيو آهي ۽ شيعن جو متعہ خالص زنا آهي. بلڪہ بدترين زنا، جنهن ۾ زنا ڪرڻ بعد، انسان ۾ جيڪا شرمندگي پيدا ٿيڻ کپي، انهيءَ جو بہ انهيءَ ۾ وجود ڪونهي، بلڪ انهيءَ لاءِ وڏا وڏا اجر عظيم آڇيا ويا آهن، جيئن اوهين ايندڙ صفحات ۾ پڙهندا.

خميني صاحب جي عربي عبارت جي الفاظن تي ضرور غور ڪريو، چاڪاڻ تہ، اهي الفاظ بہ ايڏا ڏڪيا نہ آهن. منهنجي خيال ۾، متعہ جو زنا هجڻ ۽ انجي ناپاڪي ۽ خباثت، خميني صاحب جي هن عبارت ظاهر ڪري وڌي آهي. "فتنہ ابن سبا" جي مصنف ڪيڏو نہ صحيح لکيو آهي، فرمائي ٿو:

"بانيان مذهب سبائي، نے کاميابي کے ساتھ کوشش کي هے، کہ زنا مين بهي بے غيرتي کيساتھ شرکت غير نہ رهے، خالص بے غيرتي هو. يهان تک کہ، قلب مين بے غيرتي کا دهندلا سا احساس بهي باقي نہ رهے. من جملہ اور طريقون کے، ايک آسان طريقہ يہ هے کہ، زنا پر متعہ کا نقاب ڈال دو. (فتنہ ان سبا صہ ١٨٣)

(٣) شيعن جي معتبر ۽ مستند كتاب "الجامع الكافي" جي آخري حصي "كتاب الروضہ" ۾ امام جعفر صادق كان محمد بن مسلم نالي هڪ شيعہ جي خواب جو تعبير منسوب ٿيل آهي. قصو وڏو آهي. لهذا هتي صرف آخري حصو پيش ڪجي ٿو:-

محمد بن مسلم بيان ڪري ٿو ڪري، تہ مون هڪ خواب ڏٺو ۽ اهو خواب مون حضرت امام جعفر صادق رحہ کي پيش ڪيو. پاڻ انهيءَ خواب جو تعبير اهو ٻڌايائون تہ اي محمد بن مسلم تون هڪ عورت (ڇوڪريءَ) سان متعہ ڪندين ۽ تنهنجيءَ گهر واريءَ کي، انهيءَ متعہ جي، ڪنهن نموني سان، خبر پئجي ويندي ۽ اها تنهنجا ڪپڙا ڦاڙيندي. اڳتي محمد بن مسلم بيان ڪري ٿو:-

فلما كان غداة الجمعة انا جالس بالباب اذمرت بي جارية فاعجبتني فامرت غلامي فردها ثم ادخلهاداري فتمتعت بها فاحست بي وبها اهلي فدخلت علينا البيت فبادرت الجارية نحو الباب وبقيت انا فمزقت علي ثيابا جددا كنت البسها في الاعياد. (الجامع الكافي-كتاب الروضہ ٢٩٢-٢٩٣)

ترجمو: پوءِ انهيءَ ئي جمع جي ٻنپهرن جو، اهو واقعو پيش آيو، جو آئون پنهنجي دروازي تي ويٺو هوس، تہ سامهون هڪ ڇوڪري گذري، جيڪا مونکي ڏاڍي وڻي. مون پنهنجي غلام کي، انهيءَ جي سڏڻ لاءِ چيو ۽ هو انهيءَ کي وٺي آيو ۽ مون وٽ پهچايائين. مون هن سان متعہ ڪيو. منهنجيءَ زال کي ڪنهن نموني سان انهيءَ جو پتو پئجي ويو ۽ هوءِ هڪدم انهيءَ ڪمري ۾ گهڙي آئي. ڇوڪري فوراً دروازي کان ٻاهر نڪتي ۽ آئون اڪيلو رهجي ويس، تہ منهنجي زال منهنجا اهي ڪپڙا جيڪي آءٌ خوشيءَ جي موقعي تي پائيندو هوس ليڙون

ليڙون ڪري ڇڏيا.

هتي متعه جي شڪل ۾ صورت اها ٻڌائي ويئي آهي، تہ هڪ ڇوڪري وڃي رهي هئي، تہ محمد بن مسلم ڪي اها ڏاڍي وڻي ۽ هن انکي، پنهنجي غلام جي ذريعي، پاڻ وٽ سڏي، هن سان متعہ ڪيو ۽ اهو واقعو شيعہ مذهب جي معتبر ۽ مستند ترين ڪتاب " ڪافي ڪليني" ۾ جنهن تي امام الزمان جي تصديق ٿيل آهي، امام جعفر صادق طرف اهڙي طرح منسوب ڪيو ويو آهي، تہ امام صاحب انهيءَ فعل کي متعہ قرار ڏنو آهي. حقيقت ۾ شيعہ مذهب ۾، ۽ خود امام خميني صاحب جي بيان ڪيل مسئلن ۾، جيڪي اوهان پهرين پڙهيو تہ متعہ اهوئي آهي، جنهن ۾ اسلام کان اڳ جاهليت جي عربن وارا شرط بہ غائب آهن. شيعن جي ڪتابن مان، البت اها خبر ڳولهڻ سان بہ نٿي لڀي، تہ آخر هو، زنا ڇاکي ٿا چون ۽ زنا ۽ متعہ ۾ هنن وٽ ڪهڙو فرق آهي؟ صرف پئسا ڏيڻ ۽ مرد ۽ عورت جي رضامندي، تہ زنا ۾ بہ هوندي آهي. يا نہ. اوهين پاڻ ٻڌايو؟

(۴) شيعہ مذهب جي معتبر ڪتاب فروع ڪافي ۾ هي هيٺين روايت بہ حضرت امام جعفر صادق طرف منسوب ٿيل آهي

عن ابي عبدالله عليه السلام قال جا ءت امرأة الي عمر فقالت اني زنيت فطهرني ـ فامر بها ان ترجم فاخبر بذالک اميرالمؤمنين صلوات الله عليه فقال کيف زنيت فقال مررت بالباديۃ فاصا بني عطش شديد فاستقيت اعرابيا فابي ان يسقيني الا ان امکنه من نفسي فلما اجهدني العطش وخفت علي نفسي سقاني فامکنته من نفسي فقال اميرالمؤمنين هذا تزويج ورب الکعبة. (فروع ڪافي جلد ۲ صہ ۱۹۸)

ترجمو: امام جعفر صادق کان روايت آهي، تہ هڪ عورت،

حضرت عمر رضہ وٽ آئي ۽ چيائين تہ، مونکان زنا ٿيو آهي مونکي پاڪ ڪريو. حضرت عمر رضہ هن جي سنگسار ڪرڻ جو حڪم ڏنو. حضرت علي رضہ کي، انهيءَ ڳالهہ جي خبر پيئي، هن انهيءَ عورت کان پڇيو، تہ تو ڪيئن زنا ڪيو. هن ٻڌايو تہ آئون جهنگ ۾ هيس، مونکي سخت اڃ لڳي. مون هڪ اعرابي کان پاڻي گهُريو. هن، صرف انهيءَ شرط تي پاڻي ڏيڻ منظور ڪيو، جو آئون هن کي پنهنجو جسم حوالي ڪريان. جڏهن اڃ مونکي مجبور ڪيو ۽ مونکي جان جو خطرو محسوس ٿيو، تہ مون کي هن پاڻي پياريو ۽ مون هن کي پنهنجي جان تي اختيار ڏنو. اميرالمومنين فرمايو، تہ رب ڪعبہ جو قسم اهو تہ نڪاح (متعہ)آهي.

(بحوالہ نصيحت الشيعہ جلد اول صہ ٣٢ ۽ تحذير المسلمين عن كيدالكاذبين ص ٢٨٦)

شيعن جي معتبر ڪتاب فروع ڪافي جي روايت سان، حضرت علي رضہ جي فتويٰ اوهان پڙهي ۽ سمجهيو تہ متعہ ڇا آهي؟ (انا لله وانا اليه راجعون)

